Follow us on: daily pak karachi

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان
ABC CERTIFIED
روزاني
پاڪ
ڪراچي
website:www.dailypak.net
TM-Reg:465078

جلد:27 سومر 24 مارچ 2025 ع بمطابق 23 رمضان المبارڪ 1446هه قيمت 20 رپيا شمارو: 130

مراد علي شاهه ۽ گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري جي يوم پاڪستان جي مناسبت سان قائداعظم جي مزار تي حاضري

وفاق پاڻي مسئلي تي سي سي آءِ اجلاس گهرائي، سنڌ جي مرضي بنا ڪو به منصوبو نه ٺهندو: وڏو وزير

پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو ذاتي طور مختلف علائقن جو دورو ڪندو ۽ شهرين کي يقين ڏياريندو ته اهڙا ڪي به ڪئنال نه ٺاهيا ويندا : وزيرا عليٰ سنڌ

ڄامشورو، سيوهڻ روڊ جي واڌ لاءِ سنڌ 50 سيڪڙو فنڊ فراهم ڪيا پر 8 سال گذرڻ جي باوجود وفاقي حڪومت ان کي مڪمل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي: صحافين سان ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽ امداد سومراه) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سنڌ جي گورنر محمد ڪامران ٽيسوري سان پنهنجي ڪابينا جي گڏ يوم پاڪستان جي مناسبت سان ملڪ جي باني کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ قائداعظم جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 32

نيوسعيدآباد ۾ هزارين ماڻهن پاران ڪئنال ڪيڻ ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ منصوبي خلاف پيادل مارچ

ڪئنال ٺهيا ته سنڌ ڪربلا جو ميدان هوندي، ماڻهو هڪ ڦڙي لاءِ تڙپندا: اياز لطيف

ٽن صوبن کي ريگستان بڻائي هڪ صوبي کي سرسبز بڻائڻ ڪٿي جو انصاف آهي؟ ملڪ رواداري، برابري ۽ انصاف تي هلن ٿا، تعصب وارو سسٽم ختم ڪيو وڃي: ڪي اي ٽي سربراهه

سنڌ جي نوجوانن لاءِ ميرٽ ۽ روزگار جا رستا بند ڪيل آهن وفاق، پارليامينٽ ۽ عدليه سنڌ جي عوام جون شڪايتون نه ٻڌي رهي آهي، جنهن سان نفرت وڌي ويندي

پاڪستان جي يڪجهتي امن امان جمهوريت سان نه کيڏيو وڃي سنڌو درياءَ مان نوان ڪئنال جي تعمير پاڪستان جي بقاءَ لاءِ خطرناڪ سازشون آهن: جلسي کي خطاب

نيو سعيدآباد (رپورٽ: محبوب ڪاڪا) سنڌو درياهه مان 6 نوان ڪئنال ڪيڻ ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو جي اڳواڻي ۾ هزارين ماڻهن بينظير چوڪ کان پيادل مارچ ڪري /ڏسو صفحو 3 بقايا 13

سنڌو درياهه تي نوان غير قانوني ڪئنال نامنظور

نيوسعيدآباد: اياز لطيف پليجي جي قيادت ۾ درياهه تي ڌاڙي خلاف مارچ ڪيو پيو وڃي

اتر وزيرستان ۾ فورسز جي ڪارروائي، سورنهن خوارج مارجي ويا

22 ۽ 23 مارچ جي رات خوارج پاڪ افغانستان سرحد تي دهشتگردي جي ڪوشش ڪئي: آءِ ايس پي آر

فائرنگ جي ڏي وٺ کان پوءِ سمورا 16 خوارج دهشتگرد مارجي ويا: پاڪ فوج جو ترجمان

دهشتگرن جي ناپاڪ ارادن کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين، قوم پنهنجي بهادر فوج پاڪستان سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل آهي

راولپنڊي (م ڊ) سيڪيورٽي فورسز اتر وزيرستان ۾ خوارج دهشتگردن جي دهشتگردي جي ڪوشش ناڪام بنائي ڇڏي، 16 خوارج مارجي ويا آهن. آءِ ايس پي آر موجب اتر وزيرستان جي علائقي غلام خان ڪيلي ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 14

شمسي توانائي بابت حڪومت جي پاليسي ۾ ڪا به تبديلي ناهي آئي: وزيراعظم

پاور سيڪٽر ۾ اصلاحات سان عوام کي بجلي قيمتن ۾ وڌيڪ رليف فراهم ڪبو

قابل تجديد توانائي کي هٿي ڏيڻ حڪومت جي ترجيح آهي، جنهن تي عمل ڪيو ويندو

اسان جي پوري ڪوشش آهي بجلي بلن ۾ عوام کي رليف ڏنو وڃي: اجلاس ۾ ڳالهيون

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته شمسي توانائي جي حوالي سان حڪومت جي پاليسي ۽ ترجيحات ۾ ڪا به تبديلي ناهي آئي، وزيراعظم شهباز شريف پاور ڊويزن جي معاملن تي جائزه اجلاس ۾ ڳالهيون ڪندي چيو ته بجلي جي قيمتن ۾ گهٽتائي جي حوالي سان هڪ جامع ۽ موثر حڪمت عملي /ڏسو صفحو 3 بقايا 15

ڪراچي: وڏو وزير، گورنر ۽ صوبائي وزير مزار قائد تي حاضري ڀري رهيا آهن

پ پ ملڪ کي ايٽمي پروگرام ۽ صوبن کي خودمختياري ڏني: ناصر شاهه

23 مارچ پاڪستان جي تاريخ جو اهم ڏينهن آهي، هي ڏهاڙو بزرگن جون قربانيون ياد ڏياري ٿو

هن ڏينهن تي برصغير جي مسلمانن غلامي جي طوق کان آزاد ٿيڻ جو فيصلو ڪيو هو

ڪراچي (رپورٽر) توانائي ۽ منصوبابندي واري صوبائي وزير/ڏسو صفحو 3 بقايا 45

سڄي ملڪ ۾ يوم دفاع جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو

چئني صوبن ۾ مک تقريبون ٿيون، صدر خاص تقريب جو مهمان هو

اسلام آباد: (م ڊ) سموري ملڪ ۾ يوم پاڪستان جو ڏهاڙو/ڏسو صفحو 3 بقايا 31

گورنر هائوس سنڌ ۾ سول ايوارڊ تقريب، 12 شخصيتن کي ايوارڊ مليا

7 ماڻهن کي ستاره امتياز، هڪ شخص کي صدارتي تمغو حسن ڪارڪردگي سان نوازيو ويو

تقريب ۾ اٽلي، سعودي عرب، ترڪي، عمان، ملائيشيا جي سفيرن شرڪت ڪئي

ڪراچي (رپورٽ امداد سومراه) سنڌ جي گورنر ڪامران خان/ڏسو صفحو 3 بقايا 30

نصيرآباد جي 12 ڪان مٿي ڳوٺن جي رهواسين جو ڪئنالن خلاف 10 ڪلو ميٽر پيادل مارچ

ڳوٺ خدابخش واهوچو کان مارچ ٿيو، جي يو آءِ، جسقم، ايس ٽي پي، ايس يو پي ۽ ٻين ڌرين جي شرڪت

سنڌو درياهه اسانجو ساهه آهي، سنڌو درياهه مٿان ڪو به ڪئنال قبول نه ڪيو ويندو: ساجد مهيسر

حڪمران هوش کان ڪم وٺن، هي رٿا رد ڪئي وڃي ته سر سبز سنڌ بنجر بڻجي ويندي: سرتاج چانڊيو

نصيرآباد (رپورٽ اعظم ٽگڙ) سنڌو درياهه مٿان اڏجندڙ 6 تڪراري ڪئنالن خلاف ڳوٺ سوالي واهوچا،/ڏسو صفحو 3 بقايا 29

پاڪ فوج ڪنهن به قسم جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهي: آصف علي زرداري

پاڪستان جاگرافيائي سياسي چيلينجن کي منهن ڏئي رهيو آهي، بهادر فوج قوم جي سهڪار سان بي مثال قربانيون ڏئي رهي آهي

ڀارت پاڪستان تي بري نظر وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، خارجي ۽ ٻيون دهشتگرد تنظيمون ناپاڪ مقصد حاصل ڪرڻ چاهين ٿيون پر قوم ۽ پاڪ فوج گڏ آهي

پاڪستان ۾ مسئلا حل ڪرڻ جي صلاحيت موجود آهي: صدر جو يوم پاڪستان جي فوجي پريڊ کي خطاب

اسلام آباد (م ڊ) صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته پاڪ فوج ڪنهن به قسم جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهي. ايوان صدر ۾ يوم پاڪستان جي/ڏسو صفحو 3 بقايا 33

دهشتگرد پاڻ حڪومت ۾ هوندا ته دهشتگردي ڪيئن ختم ٿيندي؟ امير مقام

اسلام آباد (ويب ڊيسڪ) وفاقي وزير امير مقام چيو آهي ته دهشتگرد پاڻ حڪومت ۾ هوندا ته دهشتگردي ڪيئن ختم ٿيندي؟ پنهنجي بيان ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 34

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري يوم پاڪستان جي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

غير قانوني پناهگيرن ۽ افغان ڪارڊ هولڊرن جي پاڪستان ڇڏڻ جي مهلت ۾ رڳو 9 ڏينهن باقي

سنڌ سرڪار پاران قانوني ۽ غير قانوني طور رهندڙ افغانين جي نيڪالي لاءِ پلان تيار

وفاق جي هدايت تي افغان شهرين جي ملڪ بدري جو پلان گهرو کاتي ۽ ڪمشنرن جي مشاورت سان تيار ڪيو ويو

افغان شهرين کي 15 فيبروري کان 31 مارچ تائين رضاڪاراڻي طور واپسي جي آڇ ڪئي وئي آهي: ذريعا

ڪراچي (م ڊ) غير قانوني پناهگيرن ۽ افغان ڪارڊ هولڊرن جي پاڪستان ڇڏڻ جي مهلت ۾ رڳو 9 ڏينهن باقي رهجي ويا. ذريعن موجب سنڌ ۾ ٻئي/ڏسو صفحو 3 بقايا 35

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي نشان پاڪستان سان نوازيو ويو

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو ايوارڊ سندس نياڻي صنم ڀٽو وصول ڪيو

ايوارڊ وصول ڪندي صنم ڀٽو جذباتي ٿي وئي، سندس اکيون پرجي آيون

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو کي /ڏسو صفحو 3 بقايا 36

اسلام آباد: بيگم صنم ڀٽو ذوالفقار ڀٽو جو نشان پاڪستان وٺي رهي آهي

اسان جي ابن ڏاڏن آزاد جمهوري رياست جي قيام لاءِ قربانيون ڏنيون: شرجيل ميمڻ

اڄ اسان کي انهن عظيم شهيدن کي ياد رکڻ گهرجي : سينيئر صوبائي وزير

اسان سڀني کي اختلاف وساري ملڪ لاءِ متحد ٿيڻو پوندو: 23 مارچ ڏينهن تي پيغام

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) 23 مارچ تي پاڪستان /ڏسو صفحو 3 بقايا 37

ٽيويهه مارچ جي قرارداد پاڪستان جي قيام جو بنياد بڻي: شفقت علي شاهه

سکر (بيورو رپورٽ) سياسي، سماجي اڳواڻ ايڊووڪيٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا 38

PAK Digital Media

رمضان المبارڪ سحر افطار ٽائمنگ (فقہ حنفيہ)

افطاري: بروز سومر	6 لڳي 46 منٽ
سحري: بروز اڱارو	5 لڳي 14 منٽ

رمضان المبارڪ سحر افطار ٽائمنگ (فقہ جعفريہ)

افطاري: بروز سومر	6 لڳي 56 منٽ
سحري: بروز اڱارو	5 لڳي 04 منٽ

ٺٽي ويجهو ڌماڪا، ڳوٺاڻن جي زندگي عذاب بڻيل، گهرن کي ڏار پئجي ويا

ٺٽي ڪريش پلانٽن تي ڌماڪن ۽ دز ڪري ڳوٺ حاجي رمضان هيجب ۽ ڳوٺ عثمان جاڪرو جا رهواسي عذاب واري زندگي گهارڻ لڳا

ڌماڪن جي نتيجن ۾ ڳوٺن جي گهرن جي ديوارن ۽ ڇتين ۾ ڏار پئجي ويا آهن ۽ ڇتيون به ڪمزور ٿي ويون آهن: ڳوٺاڻا

ڪريش پلانٽ قائم ڪري اسانجي زندگي زهر بڻائي ڇڏي آهي فوري نوٽيس وٺي وڌيڪ نقصان کان بچايو وڃي: دانهن

ٺٽو (ن) ٺٽي ويجهو ڳوٺاڻي آبادي ويجهو قائم ٽن ڪريش پلانٽن جي دز ۽ ڌماڪن ڳوٺاڻن جي زندگي اجيرن بڻائي ڇڏي ڳوٺن جي ڪيترن ئي/ڏسو صفحو 3 بقايا 16



ٺٽو: ڪريش پلانٽن جي ڌماڪن جو ڏيک، ٻي پاسي ديوارن کي ٻيل ڏار نظر اچي رهيا آهن

ڪنڊيارو ڀرسان لاپتا ٿيل ناري جي وارثن جو بازيابي لاءِ احتجاج

نياڻي بابران سيوهڻ جي ميلي تان گم ٿي پوليس مدد نٿي ڪري: غلام صغران

نياڻي کي بازياب نه ڪرايو ويو ته احتجاج جي دائري کي وسيع ڪيو ويندو: چتاءُ

ڪنڊيارو (آزاد گوپانگ) محبت ديرو ڀرسان ڳوٺ ڀريل سرگاڻي واسي هڪ مهينو اڳ سيوهڻ جي ميلي تان گم ٿي ويل بابران سرگاڻي جي وارثن پاڪ ڪتاب کڻي پريس ڪلب محبت ديرو پهچي نياڻي جي بازيابي لاءِ ۽ سيوهڻ /ڏسو صفحو 3 بقايا 17

جيئي سنڌ محاذ پاران تڪراري ڪئنالن خلاف اڄ مظاهرا ۽ ريليون ڪڍيون وينديون

ڪوٽڙي کان هيٺ ضرورت مطابق پاڻي نه اچڻ ڪري ڊيلٽائي خطو برباد ٿي ويو آهي: نواز شاهه پاڏائي

ڪڇي جي 30 لک ايڪڙ زمين ڪلراٺي ٿي وئي 8 لک ايڪڙن تي ٻيٽ بيلو ختم ٿي ويو آهي

عالمي ماحولياتي ادارا سنڌو درياهه جي بربادي تي ماٺ آهن جنهن تي حيرت آهي: جاري ڪيل بيان

ٺٽو (رمضان ميمڻ) جيئي سنڌ محاذ پاران اڄ غير قانوني ڪئنالن ۽ گرين پاڪستان منصوبي /ڏسو صفحو 3 بقايا 18

ٺٽي ۾ عوامي تحريڪ جي ڪئنالن خلاف ريلي، تڪراري ڪئنالن خلاف نعرا

ريلي جي اڳواڻي رزاق چانڊيو، تارو خان شيخ، دريا خان زئور ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا

سازشي پاليسين ذريعي سنڌ جي ماڻهن کي ڪنگال ڪرڻ جي رٿابندي ڪري رهي آهي: رزاق چانڊيو

سنڌو درياهه سنڌ جي ماڻهن لاءِ زندگيءَ جي علامت آهي، ان تي ڪڏهن به سوديبازي نه ڪئي ويندي: بلاول

ٺٽو (رمضان ميمڻ) سنڌو درياهه مان نڪرندڙ 6 /ڏسو صفحو 3 بقايا 19

خيرپور ڀرسان گهر ٻاهران ويٺل نوجوان قتل

ڳوٺ ساڄن خان رند ۾ فائرنگ سبب گهر ٻاهران ويٺل عبدالحسين رند زخمي ٿيو

نوجوان کي طبي امداد لاءِ خيرپور اسپتال نيو ويو، زخمن جا سور نه سهندي دم ڏنو

خيرپور (د ر) شاهه لطيف ٿاڻي جي حد ڳوٺ ساڄن خان رند ۾ گهر اڳيان ويٺل نوجوان تي فائرنگ علائقي ۾ ڍڪاءُ زخمي نوجوان سول اسپتال خيرپور /ڏسو صفحو 3 بقايا 21

مورو جي وارڊ تي ۾ گهر کي باهه وڪوڙي وئي، سامان سڙي رک

مورو (طالب موراڻي) مورو شهر جي وارڊ نمبر 3 خليف محل ۾ گهر اندر اچانڪ باهه لڳي وئي گهر اندر پيل /ڏسو صفحو 3 بقايا 20

بدين لڳ ڳوٺاڻن جو غير قانوني ڪئنالن خلاف ننهڻ اس ۾ پيادل مارچ ۽ ڌرڻو

ڳوٺ الهڏنو سومرو واسين غلام محي الدين جي اڳواڻي ۾ 6 ڪلوميٽر پيادل مارچ ڪري بدين پريس ڪلب اڳيان ڌرڻو هنيو

وفاقي حڪومت زرداري جي مدد سان سنڌو درياءَ مان غير قانوني ڪئنال ڪڍي غير آباد ڪري رهيو آهي: غلام محي الدين سومرو

ساموندي پٽي ۾ ماڻهو پيئڻ جي پاڻي لاءِ پريشان آهن ڪئنال ڪيڻ رڳو بدين ضلعي سان نه پر سموري سنڌ سان زيادتي ٿي رهي آهي: خطاب

بدين (د ر) غيرقانوني ڪئنالن خلاف ڳوٺاڻن ننهڻ اس ۽ روزي جي حالت ۾ 6 ڪلوميٽر پيادل پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ۽ ڌرڻو. تفصيل سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪيڻ خلاف جي بدين ڀرسان ڳوٺ الهڏنو سومرو (ابو شيخاه) جي سوين ڳوٺاڻن ننهڻ اس ۽ روزي جي حالت ۾ ڳوٺ کان 6 ڪلوميٽر ريلي ڪڍي بدين پريس ڪلب اڳيان احتجاجي /ڏسو صفحو 3 بقايا 22

نيوزيلينڊ پاڪستان کي شڪست ڏئي سيريز پنهنجي نالي ڪري ورتي

پاڪستان ٽاس کٽي پهريان فيلڊنگ جو فيصلو ڪيو جيڪو غلط نڪتو

220 رنسن جي هدف اڳيان قومي ٽيم 105 رنسون ٺاهي آئوٽ ٿي وئي

اوول: (م ڊ) پنج ٽي ٽوئنٽي ميچز جي سيريز جي چوٿين ميچ ۾ نيوزيلينڊ پاڪستان کي 115 رنسن تان شڪست ڏئي سيريز پنهنجي نالي ڪري ورتي./ڏسو صفحو 3 بقايا 28

مورو ڀرسان مزدا ۽ ٽرڪ ۾ ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت

حادثو ٻيون ميل اسٽاپ وٽ پيش آيو، مزدا ڊرائيور ايم براهيم دم ڏنو

پوليس ٽرڪ کي پڻ تحويل ۾ وٺي ڇڏيو، ڳچيرو ٿاڻي تي ڪيس داخل

مورو (ن پاڪ) مورو ڀرسان ٻيون ميل اسٽاپ قومي شاهراهه وٽ مزدا ۽ ٽرڪ ۾ ٽڪر ٿيڻ جنهن جي نتيجي ۾ مزدا ڊائيور محمد ابراهيم دهجي فوت ٿي/ڏسو صفحو 3 بقايا 27

ميرواهه گورچاڻي لڳ پراڻي تڪرار تان نوجوان قتل

ڳوٺ دلاور شر ۾ هٿياربندن گهر ۾ گهڙي محمد حسن شر کي قتل ڪيو

امداد شر وارا نوجوان کي قتل ڪرڻ بعد فرار ٿي ويا: مقتول نوجوان جا وارث

ميرواهه گورچاڻي: (ن پاڪ) ميرواهه گورچاڻي ويجهو ڊينگاڻ پرگڙي ٿاڻي جي حد جي ڳوٺ دلاور شر ۾ پراڻي تڪرار تان هٿيار بندن گهر ۾ داخل ٿي 37 /ڏسو صفحو 3 بقايا 26

ڪوٽڙي انڊس هاءِ وي تي نينگر ڪار جي ٽڪر ۾ فوت

ستن سالن جو رضوان شاهه روڊ ڪراس ڪرڻ دوران زخمي ٿيو

نينگر اسپتال ۾ دم ڏئي ڇڏيو، ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

ڪوٽڙي (ن پاڪ) ڪوٽڙي ۾ انڊس هاءِ وي روڊ تي تيز رفتار ڪار رستو پار ڪندڙ معصوم نينگر کي زوردار ٽڪر هڻي ماري ڇڏيو لاش گهر پهچڻ تي/ڏسو صفحو 3 بقايا 25

ڪار جي ٽڪر ۾ فوت ٿيل نينگر جو مڙهه پيل آهي

شهدادپور: مڙس هٿان مبينا قتل ٿيل عورت جو مڙهه گهر ۾ پيل آهي

شهدادپور لڳ مبينا مڙس هٿان وني قتل

ڳوٺ شاهه بيگ بروهي ۾ رمضان بروهي وني فرزانا بروهي کي قتل ڪيو

ناني بلوچستان واسي آهي رات جو گهر ۾ گهڙي ڏيءَ قتل ڪيو: مقتولا جو پيءُ

شهدادپور (رپورٽ رئوف جان باگراڻي) شهدادپور ڀرسان ملدسي ٿاڻي جي حد ڳوٺ شاهه بيگ بروهي ۾ مبينا مڙس هٿان زال قتل، لاش پوسٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا 24

نوشهروفيروز ۾ اصغريه پاڪستان پاران يوم علي جي مناسبت سان مجلس عزا

مولا علي عليه السلام انسانيت جو رهبر آهي: مولانا وقار علي حيدر

الله جي عبادت ڪريو ۽ عبادت بابت توهان کان پڇاڻو ٿيندو: خطاب

نوشهروفيروز (د ر) اصغريه پاڪستان ضلع نوشهروفيروز پاران ڳوٺ ڪاهي ممڻ ۾ مولا علي عليه السلام جي شهادت جي مناسبت سان مجلس /ڏسو صفحو 3 بقايا 23

ڪامريڊ ڀڳت سنگهه جي 94هين ورسي ۽ هيمون ڪالاڻي جي سالگرهه حوالي سان تقريب ڪوٺائي وئي

درياهه مان تڪراري ڪئنال ڪڍي سنڌ جي زمينن کي بنجر بڻايو پيو وڃي: حميده گهانگهرو

مظلوم محڪوم عوام کي آزادي کان محروم ڪري سخت تشدد ڪيو پيو وڃي: عبدالخالق جوڻيجو

مظلوم قومن، طبقن کي متحد ۽ منظم ٿي پنهنجي حقن لاءِ هڪ آواز ٿيڻو پوندو: ناصر منصور ۽ ٻين جو خطاب

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڪامريڊ هيمو ڪالاڻي ميموريل ڪميٽي ۽ نيشنل ٽريڊ يونين فيڊريشن/ڏسو صفحو 3 بقايا 39

NTUF
نیشنل ٹریڈ یونین فیڈریشن

ڪراچي: ڀڳت سنگهه ۽ هيمو ڪالاڻي جي ياد ۾ ٿيل تقريب کي حميده گهانگهرو ۽ شائينه رمضان خطاب ڪندي

سکر ۾ سول سوسائٽي جي پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي، پاڪستان زنده آباد، پاڪ فوج زنده آباد جا نعرا

سکر (بيورو رپورٽ) سول سوسائٽي پاران سياسي سماجي اڳواڻ فقير امام دين جي اڳواڻي ۾ 23 مارچ جي عنوان سان پاڪ فوج کي خراج تحسين/ڏسو صفحو 3 بقايا 40

ڪنڊيارو ۾ سنڌ يوٿ ايڪشن ڪميٽي پاران تڪراري ڪئنالن خلاف ريلي

ريلي مختلف رستن کان ٿيندي قومي شاهراهه تي پهتي، ڌرڻو هنيو ويو، ٽريفڪ جي روانگي معطل ٿي وئي

سنڌ جي پاڻي تي پنجاب جو قبضو رهيو آهي جنهن جي فرمائش تي هميشه کان سنڌو درياهه مان سنڌ جي حصي جو پاڻي چورايو ويندو

سنڌو درياءِ مان وڌيڪ ڪينال ڪڍي سنڌ جي رهواسين کان زرعي زمين سان گڏ پيئڻ جو پاڻي به کسيو ويندو: ڊي ايم سومرو

ڪنڊيارو (آزاد گوپانگ) ڪنڊيارو ۾ سنڌ يوٿ ايڪشن ڪميٽي پاران سنڌو درياهه مان چولستان سميت 9 ڪينال ڪڍڻ خلاف ٽائون ڪميٽي کان/ڏسو صفحو 3 بقايا 41

حيدرآباد ۾ عورت گهرواٽڻ سان مڙس کي ڏنڊا هڻي ماري ڇڏيو، گرفتار

ليليٰ نالي عورت مڙس جي جهيڙن کان تنگ اچي آپي مان نڪري وئي

جوابدار عورت پاران واقعي کي لڪائڻ جي ڪوشش، ڪيس داخل ڪيو ويو

حيدرآباد: (بيورو) حيدرآباد ۾ زال مڙس جي روز روز جي جهيڙن کان تنگ اچي لوهي راڊ جا وار ۽ ڏنڊن سان حملو ڪري مڙس کي قتل ڪري ڇڏيو /ڏسو صفحو 3 بقايا 42

حيدرآباد: مڙس کي قتل ڪندڙ عورت پوليس حراست ۾ آهي

”سنڌ دشمن منصوبا نامنظور“ ميهڙ ۾ مختلف ڌرين جون الڳ الڳ ريليون، ڌرڻو

ڳوٺ يار محمد پرگڙي مان ريلي نڪتي، پريس ڪلب تائين 5 ڪلو ميٽر پيادل مارچ

ريلي ۾ نوجوان اتحاد جي شاگردن، هارين، آبادگارن ۽ سول سوسائٽي جي شرڪت

زمينن تي ڪارپوريٽ فارمنگ ڪمپني جي نالي قبضي جي سازش ڪئي پئي وڃي: عابد ڪلهوڙو

ميهڙ (رپورٽ عظيم جانوري) ميهڙ ۾ سنڌو درياءَ مان 6 ڪئينال ڪيڻ ۽ سنڌ جون زمينون/ڏسو صفحو 3 بقايا 43

سانگهڙ ويجهو ڪار سان حادثو، عورت سميت ٻه ڄڻا فوت، 8 زخمي

چڪ 23 وٽ ڪار ٽائر برسٽ ٿيڻ سبب ڪار ڪلٽي ٿي پئي، حادثي ۾ ارباب زادي ۽ ايم امين دم ڏنو

خديجا، زينت، حميره، طاهره، دعا، رمضان، مهربان انڙ شديد زخمي ٿي پيا، طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل

زخمين کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ نوابشاهه اسپتال منتقل ڪيو ويو زخمين ۾ معصوم ٻارڙا به شامل

سانگهڙ (د ر) سانگهڙ ڀرسان افسوسناڪ حادثو پيش آيو آهي. 23 چڪ وٽ ڪار جو ٽائر برسٽ /ڏسو صفحو 3 بقايا 44

No More Canals On Indus
سنڌو ندي بچايو تحريڪ
Save Indus River Movement
NO MORE CANALS INDUS

نصير آباد، نيوسعيدآباد، مٽياري، ميهڙ، ڪي اين شاهه، بدين سميت ٻين مختلف شهرن ۾ قومپرستن سول سوسائٽي، سياسي سماجي تنظيمن پاران درياهه تي ڌاڙي خلاف احتجاجي مظاهرا ڪيا پيا وڃن

ABC CERTIFIED
سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان
روزاني
Daily PAK Karachi
پاڪ
ڪراچي
www.dailypak.net

ايڊيٽر
غلام نبي چانڊيو
ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر
عبدالخالق زدران

هيڊ آفيس: روزاني پاڪ ڪراچي روم نمبر 813، ائين ماڙ ٽريڊ ٽاور لڳ ميٽرو پول هوٽل، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي_فون نمبر:3_35655872_021 فيڪس نمبر:35655874_021
سکر آفيس: روزاني پاڪ سکر آفيس نمبر 261/2 پرسان سونهري بئنڪ مشن روڊ سکر
نيوز موڪلڻ لاءِ اي ميل ايڊريس: dailypak786@yahoo.com
اشتهارن ۽ اهم نيوز لاءِ اي ميل ايڊريس: daily.pak.karachi@gmail.com
ويب سائيٽ ايڊريس: website:www.dailypak.net

سومر 24 مارچ 2025ع بمطابق 23 رمضان المبارڪ 1446هه

يوم پاڪستان تي سنڌ سرڪار جو عزم

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سنڌ جي گورنر محمد ڪامران ٽيسوري سان پنهنجي ڪابينا جي گڏ يوم پاڪستان جي مناسبت سان ملڪ جي باني کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ قائداعظم جي مزار تي حاضري ڏني. ميڊيا سان ڳالهائيندي وڏي وزير 23 مارچ 1940 جي اهميت کي اجاگر ڪيو. وڏي وزير چيو ته اڄ قرارداد جي 85هين سالگره آهي. هن تاريخي موقعي تي پاڪستان جي باني جي خواب مطابق پاڪستان جي تاريخ کي ترقي لاءِ دعا ڪئي ۽ اميد ظاهر ڪئي ته هي ملڪ هڪ اسلامي جمهوري رياست جي حيثيت سان ترقي ڪندو رهندو. مراد علي شاهه پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ جي حوالي سان سنڌ جي اهم ڪردار تي روشني وجهندي چيو ته 3 مارچ 1943 تي سنڌ اسيمبلي سڀ کان پهرين پاڪستان جي قرارداد جي منظوري ڏني. هن چيو ته آزادي جي هي جدوجهد 14 آگسٽ 1947 تي پنهنجي عروج تي پهتي. جڏهن پاڪستان اسلامي اصولن تي قائم هڪ آزاد ملڪ جي طور تي ظاهر ٿيو اڄ ملڪ کي پيش ايندڙ چيلنجز جي حوالي سان مراد علي شاهه دهشتگردي خلاف قومي اتحاد ۽ اقتصادي ترقي لاءِ گڏيل ڪوشش جي ضرورت تي زور ڏنو هن سيني شهرين تي زور ڀريو ته هو ملڪ دشمن طاقتن خلاف هڪ ٿين جيڪي پاڪستان جي استحڪام لاءِ خطرو آهن ۽ قوم کي پيش ايندڙ ڪنهن به خطري خلاف سڀ کي هڪ ٿيڻو پوندو. مراد علي شاهه 1971 ع جي المناڪ واقعن جو به ذڪر ڪيو ۽ ٻڌايو ته ڪهڙي ريت اڳوڻي وزيراعظم شهيد ذوالفقار ڀٽو پاڪستان جي ٻيهر تعمير ۽ متحد ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هن چيو ته 1977 ع ۾ جڏهن هڪ فوجي آمر چونڊيل حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ته جمهوري عمل ۾ خلل پيو ۽ گهڻن ماڻهن ان کي ملڪ جو ڪارو ترين دور قرار ڏنو. هن دهشتگردي جي عروج کي آمرجي دور سان ڳنڍيندي چيو ته آئين جي معطلي جا سنگين نتيجا نڪتا. خيبر پختونخواهه ۽ بلوچستان ۾ دهشتگردي جي تازن واقعن سميت جعفر ايڪسپريس تي حملي ۽ نوشڪي، قلات ۽ بنون ۾ پيش ايندڙ واقعن تي تبصرو ڪندي مراد علي شاهه قومي سلامتي جي اهميت تي زور ڀريو. هن اهڙي جماعتن تي تنقيد ڪئي جن پهرين قومي سلامتي ڪميٽي جي اجلاس ۾ شرڪت کي نظرانداز ڪيو ۽ هن ڳالهه جو عزم ڪيو ته دهشتگردي کي گڏيل طور تي منهن ڏيڻ گهرجي. وڏي وزير عوام تي زور ڀريو ته هو پاڪستان جي ڏينهن ملڪ جي خوشحالي لاءِ جدوجهد ڪرڻ لاءِ پنهنجي عزم کي ورجائين. هن تمام سياسي قوتن جي زور ڀريو ته هو هڪ ٿي پاڪستان جي ترقي ۾ پنهنجو حصو وٺن. جهڙي ريت شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان کي ايٽمي طاقت ٺاهڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو هو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو قومي دفاع لاءِ ميزائل ٽيڪنالوجي کي هٿي وٺرائي. وڏي وزير چيو ته پاڪستان کي غير مستحڪم ڪرڻ ۽ دهشتگردن جي پنپرائي ۾ غير ملڪي عنصر ملوث آهن ۽ ان خطرن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ متحد محاذ جي ضرورت آهي. پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ صدر آصف علي زرداري جي قيادت ۽ سنڌ حڪومت قومي ترقي ۽ قومي سلامتي لاءِ پرعزم آهي. مراد علي شاهه فلسطين ڪشمير ۽ يمن جي ظلم سميت مسلم دنيا کي پيش ايندڙ چيلنجز تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. هن لاهور ۾ تاريخي اسلامي سربراهي ڪانفرنس جي ميزباني ڪرڻ واري شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي قيادت جو حوالو ڏيندي چيو ته اسلام دشمن قوتن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ اسلامي قومن جي وچ ۾ اتحاد کي هٿي ڏيڻ لازمي آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ وڏي وزير سيد مراد علي شاهه واضح پيغام ڏنو ته ڪو نئون ڪئنال نه ٺهي رهيو آهي. عوام جي خدشن کي گهٽائيندي هن چيو پاڪستان پيپلزپارٽي (پ پ پ) جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ذاتي طور تي مختلف علائقن جو دورو ڪندو ۽ شهرين کي يقين ڏياريندو ته اهڙا ڪي به ڪئنال نه ٺاهيا ويندا. هن ان ڳالهه جو عزم ڪيو ته ڪڏهن به ڪنهن قسم جي غلط معلومات سامهون آيون ته هن جي وضاحت ڪئي ويندي. مراد علي شاهه وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ جڏهن به ڪئنالن جي تعمير جا منصوبا ٺهندا. وڌيڪ ڪنهن به آباديءَ کي بي گهر نه ڪيو ويندو. جيڪڏهن پاڻي محفوظ ڪرڻ بعد آبادي ۾ ڪنهن واڌ کي ممڪن سمجهيو ويندو آهي ته سنڌ حڪومت ان سهولت لاءِ تعاون ڪندي. مراد علي شاهه چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ خاص منصوبن سان گڏ سنڌس حڪومت پهرين ٿي ڪوآپريٽو فارمنگ ڏانهن وڌي رهي آهي زراعت جو وزير ۽ ڪوآپريٽو کاتو انهن شروعاتن تي محنت سان ڪم ڪري رهيا آهن. وڏي وزير حيدرآباد سکر موٽروي جي تعمير ۾ سست روي تي پنهنجي ڳڻتي جو اظهار ڪيو. منصوبي کي اڳتي وڌائڻ جي ڪيترين ئي ڪوشش جي باوجود ان تي ڪم شروع نه ٿي سگهيو. هن زور ڏنو ته هي موٽروي نه صرف سنڌ لاءِ پر سڄي پاڪستان لاءِ آهي چيو ته ان سان واپار ۾ نمايان اضافو ٿيندو. مراد علي شاهه چيو ته پبلڪ سيڪٽر ڊولپمينٽ پروگرام (پي ايس ڊي پي) تحت موٽروي لاءِ فنڊ مختص ڪيا ويا آهن

فضيلا سرڪي جي لاپتا ٿيڻ کي 18 سال مڪمل

خير محمد گولو

ڏل پرسان پ پ ايم پي اي جي ڳوٺ مان اغوا ٿيل معصوم نينگري فضيلا سرڪي 18 سالن کان ڌاڙيلن وٽ قيد ٻڌيل. ڌاڙيلن آڏو پوليس ۽ رياستي ادارا بيوس بڻيل.پوليس فضيلا سرڪي جو فائيل ٺي بند ڪري ڇڏيو نينگري جي امڙ جو نياڻي جي جدائي ۾ جيءُ جهري پيو،روئي روئي اکين جو نور وڃائي ويني.فضيلا سرڪي جي والدين سان نياڻي جي بازيابي وارو ڪيل واعدو به وزيراعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه وفا نه ڪيو.خبر موجب ڏل پرسان پ پ ايم پي اي ڊاڪٽر سهراب سرڪي جي اباڻي ڳوٺ ڳڙهي حسن سرڪي مان 6 سالن جي ڄمار ۾ اغوا ٿي ويل معصوم فضيلا کي اڄ 18 سال مڪمل ٿي ويا آهن پر معصوم نياڻي کي هٿان جي پوليس،رياستي ادارا چونڊيل نمائندن واپس ڪرائڻ جي لاءِ 18 سالن کان سنجيده ڪوشش نه ورتيون جنهن ڪري معصوم نياڻي جي بيوس امڙ سڪينه سرڪي پنهنجي نياڻي کي ياد ڪندي گذريل 18 سالن کان وٺي بيوسي جا لڙڪ لاڙيندي رهي ٿي پر پوليس هن بيوس ماءُ جي لڙڪن تي قياس نه اچي سگهيو آهي.جڏهن ته فضيلا سرڪي جي اغوا ڪيس جو ان وقت جي بن آءِ جي سنڌ اي ڊي خواجه ۽ غلام حيدر جمالي پاران مختلف وقتن تي نوٽيس ته ورتا هئا پر انهن تي عمل نه ڪيو ويو آهي.جڏهن ته بن سنڌ جي وڏن وزيرن سيد قائم علي شاهه ۽ سيد مراد علي شاهه پاران به نوٽيس ته ورتا ويا پر هنن رڳو ڪاغذي ڪاروائي ڪرڻ کان سواءِ ڪجهه به نه ڪيو فضيلا جي بازيابي لاءِ پوليس شڪارپور، گهوٽڪي، ڳڙهي حسن سرڪي ۾ مختلف وقتن تي سنجيده پلاننگ نه هجڻ جي ڪري ٿيل پوليس آپريشن ڪو خاص ڪرڻيل نه ڪڍيو.جڏهن ته ان پوليس آپريشنن ۾ گذريل 18 سالن کان وٺي بن پوليس اهلڪارن سميت 6 بي گناهه ماڻهو قتل ٿي چڪا آهن.فضيلا سرڪي کي بازياب ڪرائڻ ۽ ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ تڪ مان چونڊيل نمائندن عوامي ميڙاڪن، جلسن، شهرين سان ڪچهرين جي پروگرامن سميت ڪيترائي ڀيرا ميڊيا آڏو نينگري جي والدين سان واعدا ڪيا،چونڊيل نمائندن نينگري جي بازيابي ۽ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ پنهنجا چپ سبي ڇڏيا آهن.فضيلا سرڪي جي ڏاڏي حڪيمان خاتون،امڙ سڪينه خاتون ۽ ڀيءُ عبدالرزاق سرڪي پوليس عملدارن جي آفيسن ۽ بااثر پوٽارن جي بنگلن تي پاڪ ڪتاب کڻي پٽڪندا رهيا ڪين خاطري نه ڪرائي وئي، نينگري جي وارثن ۽ ڏل جي سياسي، سماجي، ادبي، مذهبي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ شهرين نينگري جي بازيابي ۽ اغوا ڪيس ۾ گهربل روپوش جوابدارن جي گرفتاري لاءِ پريس ڪلب آڏو احتجاج جاري رکيو آهي. لاڳيتو احتجاج ڪندڙن وٽ هڪ ئي آواز آهي ته فضيلا سرڪي کي اغوا ڪيس ۾ گهربل جوابدار گرفتار ڪري نينگري کي بازياب ڪرايو وڃي.فضيلا سرڪي جي بازيابي لاءِ اڳوڻي آءِ جي سنڌ اي ڊي خواجا اڳوڻي ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ايس ايس پيز جيڪب آباد، ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ ۽ شڪارپور کي شامل ڪندي جاچ ڪاميٽي جوڙي. شروعاتي جاچ ان وقت جي ايس ايس پي ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ نينگري فضيلا سرڪي گهر پهچي والدين سان الڳ ڊيڊ ڪلاڪ تائين ڪچهري ڪري بيان قلم بند ڪيا، بعد ۾ جوڙيل ڪاميٽي به خاموش ٿي وئي،هن وقت تائين نينگري جا والدين پوليس جي ڪاروائي جي انتظار ۾ ويٺل آهن.فضيلا سرڪي جي بازيابي لاءِ سنڌس گهر ۾ گذريل 18 ورهين کان وٺي ڏينهن رات پاڪ ڪتاب جو ورد جاري آهي ۽ والدين جون اکيون گهرجي در ۾ نينگري کي نهارڻ لاءِ ڪتل آهن. نينگري جي اغوا ڪيس جي جوابدارن الله ورايو،قادر بخش،ڪريم بخش،لعل محمد،بابو سرڪي سميت ٻين جوابدارن تي اغوا ڪيس داخل هجڻ باوجود به پوليس انهن کي گرفتار نه ڪري سگهي آهي.فضيلا سرڪي جي اغوا ۾ نامزد ٿيل بدنام ڌاڙيل ٻيو سرڪي کي پوليس مقابلي ۾ مارڻ بعد فضيلا سرڪي جو اغوا وارو مامرو وڌيڪ مونجهاري ۾ پئجي ويو چوڻ ته بدنام ڌاڙيل ٻيو سرڪي پاران اغوا ڪرڻ بعد واپس ڪرڻ جو والدين کي آسرو ڏنو هو پر هن جي قتل ٿيڻ بعد معاملو 18 سالن کان حل نه ٿي سگهيو آهي.جڏهن ته فضيلا سرڪي جي امڙ سڪينه سرڪي پنهنجي جگر جي ٽڪڙي فضيلا جي جدائي ۾ 18 سالن کان روئي روئي اکين جو نور وڃائي ويني آهي.جڏهن ته ضلعي جيڪب آباد جي پوليس پاران 18 سالن دوران فضيلا جي بازيابي لاءِ سنجيده قدم نه کنيا ويتر جيڪب آباد پوليس پاران فضيلا کي بازياب ڪرائڻ بجائي اغوا ڪيس جو فائيل ٿي بند ڪري ڇڏيو آهي جنهن ڪري والدين پريشاني ۾ ورتل آهن.

ڏل:23 مارچ 2007 جي اها سپاڳي شام جنهن ويل6 ورهين جي معصوم فضيلا سرڪي کي پنهنجي جيجل امڙ اهو چئي والد جي هوٽل تي موڪليو ته چانهه وٺي اچ جيڪا والد جي هوٽل تي ويندي جوابدار معصوم نياڻي کي اغوا ڪري کڻي ويا گهر واپس نه ٿيڻ تي معصوم نياڻي کي ڳوٺ جي گهٽي گهٽي ۾ ڳولا ڪئي وئي پر هن جو ڪٿان به پتو نه پيو آخر ڪار گهر ڀاتين مايوس ٿي پاڪ ڪتاب کڻي ڳوٺ جي گهٽي گهٽي ۽ هر ڳوٺ ۾ دردر وڃي ڳولا ڪئي پر هن جو پتو نه پئجي سگهيو پوليس کي اطلاع ڪيو ويو جيڪا به عام رواجي گمشدگي جي رپورٽ داخل ڪرڻ کان وڌيڪ ڪجهه نه ڪيو.جنهن بعد نينگري جو اغوا ڪيس 8 اپريل تي ڳڙهي حسن ٿاڻي تي بدنام ڌوهاري ٻيو سرڪي، شاهنواز پنگر،مشتاق ڀرڙو،الله ورايو،قادر بخش سرڪي،ڪريم بخش سرڪي ۽ ٻين جوابدارن جي خلاف داخل ڪيو ويو،پوليس پاران مامري جي ڪيترائي ڀيرا جاچ ڪئي وئي،ڪيترائي ڀيرا اعليٰ سطحي جاچ ڪاميٽيون جوڙيون ويون،اڳوڻي آءِ جي سنڌ اي ڊي خواجه پاران غلام سبحاني ڪونهارو جي اڳواڻي ۾ جاچ ڪاميٽي جوڙي وئي جيڪا جاچ رپورٽ مڪمل ڪري آءِ جي سنڌ جي حوالي ڪئي وئي،نينگري فضيلا سرڪي ڪيس جو پيرو تيغاڻي برادري جي ڳوٺ ۾ گم ٿي وڃي ٿو چوته ان وقت جي بدنام ڌاڙيل ٻيو سرڪي فضيلا جي حوالي سان وارثن کي ٻڌايو هو ته فضيلا سرڪي تيغاڻين وٽ آهي بعد ۾ پوليس مقابلي ۾ ٻيو سرڪي کي ماريو ويو هو ته ڪيس وڌيڪ مونجهاري جو شڪار ٿي ويو

ڏل:ڏل رپورٽر پرسان پ پ ايم پي اي ڊاڪٽر سهراب سرڪي جي ڳوٺ ڳڙهي حسن سرڪي مان اغوا ٿي ويل معصوم نينگري فضيلا سرڪي جي بازيابي جي لاءِ ڪجهه عرصو اڳ هڪ جرڳو ڪوٺايو جتي پنهنجي برادري جي ماڻهن ڪريم بخش سرڪي،قادر بخش سرڪي ان جرڳي ۾ پنهنجي ئي برادري جي سردار آڏو نينگري فضيلا کي اغوا ڪرڻ جو اعتراف ڪيو هو نينگري کي واپس ڪرڻ لاءِ ٻن ڏينهن جي مهلت ورتي هئي پر بعد ۾ هو پنهنجي واعدي تان ڦري ويا ان کان پوءِ فضيلا سرڪي جي اغوا جو ڪيس مڪ جوابدار بدنام ڌاڙيل ٻيو سرڪي،قادر بخش عرف قادرو سرڪي،ڪريم بخش عرف ڀوڙو سرڪي،الهورايو سرڪي،بابو سرڪي،مشتاق ڀرڙو، شاهنواز پنگر،لعل محمد ميربحر،گورو ميربحر،سانولو تيغاڻي سميت 10 ڄڻن مٿان اغوا جو ڪيس داخل ڪيو ويو هو مختلف وقتن تي فضيلا جي وارثن پنهنجي نياڻي جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو ته پوليس وقتي طور تي تحرڪ ۾ آئي هئي.

:ڏل پرساب اغوا ٿيل نينگري فضيلا سرڪي جي بازيابي لاءِ پوليس جا ڪيل سڀ آپريشن فيل ٿي چڪا آهن. نينگري جي بازيابي لاءِ شروعاتي ڏينهن ۾ ڳوٺ ڳڙهي حسن ۾ نينگري جي هجڻ جو اطلاع ملڻ تي ايس ايس پي جيڪب آباد ولي الله دل جي اڳواڻي ۾ آپريشن ٿيو جتي ڳڙهي خيرو واسي پوليس اهلڪار مهردل لاشاري هٿياربندن جي فائرنگ ۾ شهيد ٿيو،گهڻو عرصو بعد شڪارپور ۽ جيڪب آباد پوليس جي گڏيل ڪاروائي ۾ شڪارپور جي ڪچي ڳڙهي تيغو واري علائقي ۾ آپريشن دوران پوليس اهلڪار گل حسن مهر ۽ ڳوٺاڻي محمد پناهه تيغاڻي گولين جو ڪاج بڻيا،ڪجهه سال اڳ فضيلا سرڪي جي اطلاع ملڻ جي شڪ تي شڪارپور پوليس گهوٽڪي جي انور آباد پاڙي ۾ آپريشن ڪيو جتي نينگر شاهزيب، سڄل ۽ حق نواز لولائي قتل ٿيا، پوليس بن نارين عرفانه ۽ خيران لولائي کي شڪ ۾ آندو نينگري جي پيءُ ٻنهي نارين کي سڃاڻپ کان انڪار ڪيو هو پوليس جي آپريشنن ۽ ڪاروائين ۾ ڪٿي به پوليس کي ڪاميابي نه ملي سگهي آهي، جڏهن ته ڪنڌ ڪوٽ جي ڪچي ۾ شڪ جي بنياد تي هڪ ڇوڪري هٿ ڪئي وئي هئي جنهن سان فضيلا جي وارثن کي پڻ ملايو ويو هو جنهن تي فضيلا جي وارثن 99 پرسنٽ شڪ ظاهر ڪيو هو ته اها هٿ آيل ڇوڪري فضيلا ئي آهي جنهن جي ڊي اين اي ٽيسٽ ڪرائي وئي هئي جيڪا بعد ۾ فضيلا جي وارثن جي رت جي جزن سان ميچ نه ٿيا.

ڏل:2007 ع ۾ چونڊ جلسي جي دوران پ پ پ جي ان وقت جي سنڌ جي صدر اڳوڻي وزير اعلي سنڌ سيد قائم علي شاهه جلسي ۾ فضيلا سرڪي جي وارثن سان واعدو ڪري ويو هو ته پ پ پ جي حڪومت ايندي ئي فضيلا سرڪي کي بازياب ڪرايو ويندو پر سائين به پيرا حڪومت جا مزا ورتا پر فضيلا کي ياد نه ڪيو جڏهن ته فضيلا سرڪي اغوا ڪيس ۾ 18 سالن ۾ ٻه ڀيرا وزيراعلي سنڌ سيد قائم علي شاهه ۽ سيد مراد علي شاهه جڏهن ته بن آءِ جي سنڌ پوليس غلام حيدر جمالي ۽ اي ڊي خواجه پڻ فضيلا اغوا ڪيس جا نوٽيس ته ورتا پر عملي طور تي ڪٿي به فضيلا ڪيس کي سنجيده ناهي ورتو ويو.ان سلسلي ۾ سال 2018 ۾ وزيراعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه ڏل ۾ آمد دوران پاڪ ڪتاب کڻي فضيلا جي والدين احتجاج ڪندي چيو هو ته فضيلا سرڪي اغوا ڪيس ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي،جنهن سان وزيراعلي واعدو هو ته جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو پر خبر ناهي وزير اعلي فضيلا سرڪي کي سنجيدگي سان چونڊ ورتو

ڏل فضيلا سرڪي ڪيس جو پيرو تيغاڻي برادري جي ڳوٺ ۾ گم ٿي وڃي ٿو چوته ان وقت جي بدنام ڌاڙيل ٻيو سرڪي فضيلا جي حوالي سان وارثن کي ٻڌايو هو ته فضيلا سرڪي تيغاڻين وٽ آهي بعد ۾ پوليس مقابلي ۾ ٻيو سرڪي کي ماريو ويو هو ته ڪيس وڌيڪ مونجهاري جو شڪار ٿي ويو.

ڏل: نينگري فضيلا سرڪي جي وارثن ۽ سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن پاران ڀرپور نموني سان 2017 ۾ پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو هو جنهن کي ختم ڪرائڻ لاءِ ايم پي اي ڊاڪٽر سهراب سرڪي ۽ ان وقت جي ايس ايس پي ساجد کوکر بک هڙتالي ڪئمپ تي پهچي هڪ مهيني جي مهلت پڻ ورتي هئي بازياب نه ڪرائڻ جي صورت ۾ ڊاڪٽر سهراب سرڪي وارثن سان گڏجي احتجاج ڪرڻ جو پڻ واعدو ڪيو هو پر هن کي به هڪ سال ٿي چڪو آهي ڊاڪٽر سهراب سرڪي فضيلا سرڪي کي پڻ وساري ڇڏيو آهي.

ڏل:گذريل 18 سالن جي عرصي ۾ پنهنجي ئي ڳوٺ ۽ پنهنجي برادري جي نياڻي فضيلا سرڪي جي بازيابي لاءِ ڏل مان چونڊيل ايم پي اي ڊاڪٽر سهراب سرڪي اسيمبلي ۾ به آواز نه اٿاريو هو مختلف وقتن تي ميڊيا آڏو هن واعدو آهي ته فضيلا سرڪي منهنجي نياڻي آهي ۽ جي بازيابي لاءِ اسيمبلي ۾ آواز اٿاريندس پر پوءِ به هن پنهنجي ئي برادري جي نياڻي جي بازيابي لاءِ 18 سالن ۾ هڪ ڀيرو به آواز نه اٿاري سگهيو آهي.

ڏل: نينگري فضيلا سرڪي جي وارثن مختلف وقتن تي اهيو چيو آهي ته فضيلا سرڪي جي ڪيس جي شروعات سرڪي برداري کان ڪئي وڃي ته ڪيس اصلي رخ وٺندو پر پوليس فضيلا جي وارثن جي ڏانهن تي عمل نه ڪيو آهي جنهن ڪري گذريل سالن کان وٺي فضيلا سرڪي جا وارث ڏانهون ۽ ڪوڪون ڪندا رهن ٿا.

ڏل: نينگري فضيلا سرڪي جي والد عبدالرزاق سرڪي ٻڌايو ته نياڻي جي اغوا ڪيس ۾ گهربل روپوش ۽ مڪ جوابدار قادر بخش عرف قادرو ۽ سنڌس پيءُ ڪريم بخش عرف ڀوڙو سرڪي،الله ورايو ۽ بابو سرڪي جي گرفتاري کي گرفتار ڪيو وڃي ته منهنجي نياڻي جي بازيابي جو رستو نڪري ايندو جنهن جي گرفتاري جي لاءِ چونڊيل ايم پي اي ڊاڪٽر سهراب سرڪي تي زور ڏنو وڃي،جنهن ڪري پوليس هنن جي خلاف ڪاروائي نه پئي ڪري، ڪجهه سال اڳ مان جڏهن پريس ڪلب آڏو احتجاج تي ويٺو هيس ته ان وقت ڊاڪٽر سهراب سرڪي پاڪ ڪتاب تي هٿ رکي مون سان ان وقت جي ايس ايس پي ساجد کوکر جي موجودگي ۾ واعدو ڪيو ته مان نينگري کي بازياب ڪرائڻ لاءِ ڪوششون ڪندس پر پاڪ ڪتاب جي ان واعدي تان پڻ ڊاڪٽر سهراب سرڪي ڦري ويو آهي،سرڪي برادري جي سردار مان اسان کي ڇڱائي جي اميد ناهي اهو اسان جي مدد ڪري ها ته اسان روزانو ميڊيا تي احتجاج نه ڪريون ها،هن چيو ته منهنجي نينگري بدنام ڌوهاري ٻيو سرڪي 50 هزار ڀنگ جي عيوض اغوا ڪيوجنهن بعد هن نينگري کي ميربحر جوابدارن کي وڪرو ڪري ڏني آهي،جنهن ۾ سائس ڪريم بخش،قادربخش، الله ورايو ۽ بابو سرڪي شامل هئا،ميربحرن نياڻي ڪنهن کي ڏني آهي اها خبر انهن کي آهي. جيڪڏهن پوليس سرڪي جوابدارن کي گرفتار ڪري صحي نموني جاچ ڪندي ته نينگري جي بازيابي جو رستو نڪري ايندو،هن چيو ته وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه سميت پوليس جي عملدارن وٽ ڌانهيو آهي ته پوليس آپريشن بجاءِ سنجيدگي سان ٻنهي سرڪي جوابدارن خلاف ڪاروائي ڪئي ته فضيلا سرڪي جو ڏس پتو معلوم ٿيندو،اسانکي خبر پئي ته اسانجي نياڻي زندهه آهي يا نه، جيڪڏهن زنده آهي ته اسان حوالي ڪئي وڃي جيڪڏهن ناهي ته ڪا نشاني ڏيکاري وڃي، جيڪب آباد ضلعي جي پوليس انتظاميه اغوا ڪيس جو فائيل بند ڪري ڇڏيو آهي،ڪابه ڪاروائي نه پئي ٿئي،هن چيو ته منهنجي نينگري جو اغوا ڪيس بااثرن مداخلت ڪندي هاءِ ڪورٽ ۾ بند ڪرائي ڇڏيو،جنهن ڪري عدالت مان به انصاف نه ملي سگهيو آهي،ڪجهه عرصو اڳ هڪ جرڳو ڪوٺايو ويو جنهن ۾ جوابدارن پڻ نينگري کي اغوا ڪرڻ جو اعتراف ڪيو هو،پوليس جوابدارن جي خلاف ڪاروائي نه پئي ڪري، جيڪي به ايس ايس پي مقرر ڪيا وڃن ٿا اهي انهن بااثرن جا سپورٽر بڻيل رهن ٿا،جنهن ڪري منهنجي نينگري جي ڪيس کي بند ڪيو ويو آهي.

ڏل:فضيلا سرڪي جي امڙ سڪينه سرڪي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته منهنجي نياڻي فضيلا سرڪي کي 6 ورهين جي عمر ۾ گهر ٻاهران اغوا ڪيو جنهن کي اغوا ڪرڻ وارا پنهنجي برادري جا الله ورايو سرڪي هٿا جگر جي ٽڪري جي بازيابي لاءِ لاڳيتو احتجاج ڪرڻ سبب نينگري اسان کان وسري ناهي سگهي،اسان کان هيا ٻار به پڇندا آهن ته فضيلا ڪڏهن ايندي،ڀين ٻارڻ کي ڪپڙا ۽ ٻيو سامان وٺي ڏيڻ مهل فضيلا ياد ايندي آهي،هنن چيو ته نياڻي فضيلا جي بازيابي ۽ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪوبه در ناهي ڇڏيو،سڀ وٽ ڌانهيو آهي،سنڌي ميڊيا ڪانسواءِ ڪنهن به سهارو ناهي ڏنو،فضيلا سرڪي زنده آهي يا نه اسان کي اهو به نه پيو ٻڌايو وڃي،جيڪڏهن زنده آهي ته اسان سان ملائي وڃي جيڪڏهن زندهه ناهي ته ڪا نشاني ڏيکائي وڃي،پوليس انتظاميه سدائين دلاسن ۾ رکيو آهي،هنن چيو ته اسان جي نينگري جي ڪيس ۾ نامزد ڪيل سرڪي جوابدارن ڪريم بخش،قادر بخش، الله ورايو ۽ بابو سرڪي کي گرفتار ڪيو وڃي ته نينگري جو ڏس پتو ملي ويندو پر پوليس انتظاميه انهن جي آڏو بيوس بڻيل آهي،علائقي جي بااثرن ۽ سردارن پڻ اسان جي ڪابه مدد ناهي ڪئي الٽو اسان جي مٿان الزام بازي جا تير وسايا آهن ۽ نينگري جي ڪيس ۾ جوابدارن جو ساٿ ڏنو آهي،اسان جي سردارن جوابدارن جون ضمانتون ڪرائيندي جوابدارن کي آزاد ڪرايو جنهن بعد جوابدار اسان کي مسلسل ڪيس تان هٿ ڪڍڻ جي لاءِ ڌمڪايون ڏئي رهيا آهن،هنن چيو ته اسان جي پوليس بااثرن پوتارن ۽ جوابدارن جي خلاف ڪاروائي ڪرڻ لاءِ لنوائي ٿي،ڪيترائي دفعا آءِ جي ايز پاران واعدو ڪيو ويو پر عمل نه ٿي سگهيو آهي،هنن نئين وزيراعظم شهباز شريف،سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه،آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪيو ته فوج جي مدد سان نينگري جي اغوا ڪيس ۾ گهربل جوابدارن کي گرفتار ڪري نياڻي بازياب ڪرائي وڃي.

بقايا ----------- 01

ڪيڻ خلاف پاٽ شريف جا شهري به روڊن تي نڪري آيا ،مظاهرين پاران ڪئنال سموراً نامنظور جا جذباتي نعرا هڻندي ڪئنال ڪيڻ وارو فيصلو واپس وٺڻ جو مطالبو.سموري سنڌ جيان تاريخي شهر پاٽ شريف ۾ سنڌو درياءَ مان تڪراري ڪينال ڪيڻ خلاف تنوير ميمڻ جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي مين چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ريلي ۾ جسقم ، ساس ، سرجهار فورم ، ڪسان اتحاد ، نوجوان اتحاد سميت صحافين ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ، ريلي بازار چونڪ کان نڪتي جيڪا شهر جي مختلف رستن کان ٿيندي اچي درگاهه فضل آلاهي روڊ تي پهتي ، جتي مظاهرين پاران چتي نعريبازي ڪندي ڪينال ڪيڻ جو فيصلو واپس وٺڻ جو مطالبو ڪيو ويو ، ان موقعي تي مظاهرين مخدوم شفيق الرحمان صديقي ، گلزار احمد ڪلهوڙو ، مشهور ميمڻ ، رانا نصرالله سنڌي ، منير سمون ،غلام سرور پنهور ، سيد غلام دستگير شاهه سڪندر پنهور ، تنوير ميمڻ ، مير مختيار برهماڻي ، خالد منگي ، خالد برهماڻي ، صدام چنه ، مير هزار پنهور ، ڊاڪٽر شهاب الدين لانگاهه ، امام الدين ملاح ، اظهار ڪلهوڙو ، زبير چنه ، نديم ملاح ۽ ٻين چيو ته وفاق سدائين سنڌ سان ظلم ڪرا سنڌ جي وسيلن تي قبضو ڪيو آهي ، ڏيڍ سو سال کان سنڌي قوم درياءَ بچائڻ جي جنگ ۾ جنبيل آهي ، دريا تي قابض ڏريون پهريان کان ئي سنڌو مٿان ڪينال ۽ ڊيم ٺاهي انڊس ڊيلٽا کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي ، مٿان وري ڇهه نوان ڪينال ڪڍي سنڌ جون زرخيز زرعي زمينون تباهه ڪرڻ چاهن ٿا ، وفاق جي اهڙي ڪڌي عمل ۾ زرداري ليگ به سنڌس جي ڀاڱي ڀائيوار آهي ، دريا تي 3 وڏا ڊيم ، 19 وڏا بيراج ۽ ڪيترائي لنڪ ڪينال ٺهيل آهن جنهن جي ڪري درياءَ جو پاڻي سمنڊ ۾ داخل نه ٿوئي ۽ سمنڊ سادا تي لک ايڪڙ زمين ڳڙڪائي چڪو آهي ، مٿان وري ڪينالن جي سازش رٿي وئي آهي، جنهن سان سنڌ جي انساني آبادي توڙي جهنگلي جيوت مڪمل تباهه و برباد ٿي ويندي، هنن وڌيڪ چيو ته پاڻي اسانجو جياپو آهي، جنهنجو قطرو به هاڻي پنجاب کي چوري ڪرڻ ڪون ڏينداسين. اسان پنهنجي جانين جا نذرانا ڏئي سنڌو درياءَ کي بچائينداسين ، مظاهرين عالمي ادارن توڙي وس وارن کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته سنڌو درياءَ مان تڪراري ڪينال ڪيڻ وارو فيصلو واپس ورتو وڃي، بيصورت ۾ سموري سنڌ ۾ پرامن احتجاج جاري رهندا .

بقايا ----------- 02

طرفان يوم پاڪستان جي موقعي تي شهر جي سر شاهنواز ڀٽو لائبريري ۾ تقريب ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ ڊي اي او پرائمري انيس الرحمان جلباڻي، ڊي اي او سيڪنڊري گلبهار مگسي، ٽي اي او پرائمري ميل منير احمد ڀٽو ٽي اي او في ميل ممتاز سومرو، منظور علي، ارشاد علي مگسي، جاويد احمد حالتي، علي اڪبر چانڊيو قدير احمد ڊومڪي، مسعود اختر سومرو، واحد بخش کهڙو، غلام مصطفيٰ ڪوکر، نظام الدين، گل دايو سهيل قريشي، نثار احمد مغيري سميت مختلف مڪتبه فڪر سان واسطو رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي تعليم کاتي جي عملدارن تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ملڪ جي ترقي لاءِ تعليم جي اهميت کي نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي، اسان جو فرض آهي ته پنهنجي ايندڙ نسل کي اعليٰ تعليم سان همڪنار ڪريون ته جيئن هو پاڪستان کي وڌيڪ مضبوط بڻائي سگهن

بقايا ----------- 03

جي رهواسڻ پيرسن بيواهه عورت طرفان پنهنجي ڌيءُ ۽ ڏوهٽي سان گڏجي لاڙڪاڻو پوليس هٿان مبينا طور ڪنبي گهر ڪيل پٽ جي آزادي لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پيرسن بيواهه عورت نذير بيگم زال مرحوم عبدالحق لغاري پنهنجي ڌيءُ حاجاڻي خاتون ۽ ڏوهٽي نازيه سان گڏجي ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته اسان اصل نئون ديرو شهر جي غريب آباد پاڙي جا رهواسي آهيون. جڏهن ته 12 ڏينهن اڳ اتان لڏپلاڻ ڪري حيدر آباد جي قاسم آباد واري علائقي پرسان شيدي ڳوٺ ۾ رهائش اختيار ڪئي سين. هن الزام لڳايو ته گذريل رات دير سان لاڙڪاڻو پوليس جي انسپيڪٽر مزمل سومرو پوليس اتالا ساڻ ڪري منهنجي گهر تي چڙهائي ڪري جنگجي هلائيندڙ پوروهيت پٽ امداد لغاري کي ڪنبي کڻي ويو آهي، جنهن جو هن وقت ڪوڏس پتو ناهي.

بقايا ----------- 04

ڪيو، ڀتاخوري بند ڪيو، ماڻهو مارڻ بند ڪيو جي زوردار نعريبازي ڪندي شهري اتحاد جي صدر ڊاڪٽر ميهر چند، غلام مصطفيٰ ميراڻي، ظريت بجاراڻي، دلمراد ڏاهاڻي، اڪرم باجڪاڻي، والي ڏنو سنڌي، عبدالعزيز سومرو، فدا حسين محمداڻي، شاهنواز مرهيٽو، اصغر شيخ، ڊاڪٽر صوفي سريش ڪمار، اشوڪ ڪمار سونارو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي ۽ خطاب ڪندي چيو ته هي ضلعو ڏوهارين ظالمن جي حوالي ڪيو ويو آهي ڏوهاري جنهن وقت ڦر ڪن ڀتاخوري لاءِ فايرنگ ڪن ڪير به چوڻ وارو نه اهي هڪ هفتي دوران قتل ٿيل انيش ڪمار، پوروهيت آدم شيخ، ظهور مرهيٽو، صدام ڪوسو ڊرائيور مختيار ٻرڙو سميت قتل ۽ زخمي ٿيلن جا اصل جوابدار به پوليس گرفتار نه ڪري سگهي آهي آپريشن به نالي ماتر هلي پيو جتي پوليس جي ڪا به سٺي ڪارگردگي نه اهي ڀتاخوري جو سلسلو جاري ساري آهي حڪمران، وس وارا ۽ چونڊيل عوامي نمايندن به چپ جو روزو رکي ويهي رهيا آهن شهري خوف جي زندگي گذاري رهيا آهن قاتل آزاد مقتولن جا وارث ۽ شهري انصاف لاءِ روڊن تي ويٺل آهن اسين پنهنجي احتجاج ذريعي وس وارن کان مطالبو ڪيون ٿا ته ڪنڌڪوٽ جو امن امان واپس ڏيو قبيلائي دهشتگردي سميت ڏوهارين جو خاتمو آندو وڃي.

بقايا ----------- 05

ڪرائڻ ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جا الزام. خبر موجب ميهڙ ۾ پيسن جي ڏيتي ليتي جي معاملي مان هڪ بااثر ڌر پاران موتمار ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جي ڌمڪين ڏيڻ خلاف ڳوٺ عثمان ڪلهوڙو جي رهائشي سينئر سيڪنڊري اسڪول جي استاد احمد علي سومرو ميهڙ پريس ڪلب آڏو قرآن پاڪ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو هن پريس ڪانفرنس ڪندي ڌانهيندي الزام هيو آهي ته پيسن جي ڏيتي ليتي تان بااثر محمد ياسين سومرو منهنجو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي مون 2 سال اڳ ڏوڪري جي رهواسي بااثر محمد ياسين سومرو کان هڪ لوڊر رڪشا ۽ 4 چائنا موٽرسائيڪل سادا 6 لکن ۾ ورتون هيو جنهن جا مان محمد ياسين سومرو کي پيسا ڏي چڪو آهيان پر هو ويجاج طور تي وڌيڪ 7 لک روپيا گهري رهيو آهي منهنجي انڪار تي هن مونکي اغوا قتل ڪرائڻ ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جو روزانو ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي مونکي بااثر ياسين سومرو مان جان جو خطرو آهي هن دادو ۽ لاڙڪاڻا ضلعي جي اعليٰ پوليس آفيسرن کان بااثر خلاف قانوني قدم کڻي ۽ تحفظ ڏيڻ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا ----------- 06

بوائز هاءِ اسڪول سجاول ۾ هڪ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب ۾ مختلف اسڪولن جي شاگردن پاران قومي گيت، تقريرون ۽ ٽيبلوز پڻ پيش ڪيا ويا. تقريب کي خطاب ڪندي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر IIحبيب الله وگڻ چيو ته يوم پاڪستان هن عظيم سرزمين جي حفاظت جي عزم کي مضبوط ڪري ٿو وطن جي حفاظت ۽ تقدس لاءِ نئين نسل تائين پيغام پهچائڻ ضروري آهي. هُن چيو ته 23 مارچ 1940 پاڪستان جي تاريخ جو هڪ اهم ڏينهن آهي، جنهن جي نتيجي ۾ الڳ وطن جي تحريڪ شروع ٿي. هُن چيو ته قرارداد پاڪستان مسلمانن کي هڪ الڳ وطن جو احساس ڏياريو ۽ اسان کي هڪ قوم جي حيثيت سان هڪ الڳ سڃاڻپ ڏني. هن چيو ته اسان جي وڏڙن هن وطن کي حاصل ڪرڻ لاءِ بيشمار قربانيون ڏنيون ته جيئن اسان آزاد فضا ۾ ساهه کڻي سگهون. تقريب کي ڊپٽي ڊي اي او اشرف شاعر ۽ ٻين خطاب ڪندي 23 مارچ جي اهميت تي روشني وڌي ۽ ملڪ جي سالميت لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪندڙن کي خراج تحسين پيش ڪيو ان موقعي تي شاگردن ۾ شيلڊون ۽ انعام پڻ ورهايا ويا. بعد ۾ گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول کان مين نيشنل هاءِ وي تائين هڪ ريلي ڪڍي وئي. ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن پنهنجن هٿن ۾ پاڪستاني جهنڊا ۽ بينر کڻي "پاڪ فوج زنده باد" ۽ "پاڪستان زنده باد" جا نعرا هنيا.

بقايا ----------- 07

خلاف سنڌ يونائيٽيڊ اسٽوڊنٽ فيڊريشن (سياف) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي(ايس يو پي) جسقم پاڪستان تحريڪ انصاف ۽ سول سوسائٽي پاران ڳوٺ ميرانپور کان 5 ڪلو ميٽر پيادل مارچ ڪري پڊعيدن ريلوي ڦاٽڪ تائين شاندار ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي احتجاجي مظاهري ۾ "نوان ڪئنال سمورا نامنظور سنڌو تي ڌاڙو نامنظور" جا زوردار نعرا هنيا ويا ريلي جي اڳواڻي سنڌ يونائيٽيڊ فيڊريشن جي غلام مرتضي پلھ جسقم جي پير راجا قريشي وهاب پلھ پاڪستان تحريڪ انصاف جي امتياز راڄپر سول سوسائٽي جي لال بخش پلھ محمد قاسم پلھ غلام شبير پلھ حيدر بخش پلھ غلام حسين پلھ چيو ته سنڌ حڪومت ۽ وفاقي حڪومت سازشي پاليسين ذريعي سنڌ جي ماڻهن کي ڪنگال ڪرڻ جي رٿابندي ڪري رهي آهي اڳواڻن واضح ڪيو ته سنڌو درياهه سنڌ جي عوام لاءِ زندگيءَ جي علامت آهي ان تي ڪڏهن به سوديبازي نه ڪئي ويندي هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن وفاق ۽ سنڌ حڪومت پنهنجي عوام دشمن پاليسين تان هٽ نه ڪئي ته سنڌ جا ماڻهو وڌيڪ سخت احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندا عوام هنن کي ان لاءِ اسيمبلي ۾ موڪليو هو ته هو عوام جي حقن جي ڳالهه ڪندا پر هي ته سنڌي ماڻهن جي ساهه جي رڳ سنڌو درياهه کسڻ جي ڳالهه پيا ڪن جيڪا سنڌ جي عوام کي ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي

بقايا ----------- 08

عابده سمون پارس شاهه نازش فاطمه درشهوار قاضي غفار ساحل غلام حيدر بکاري رضوان شيخ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مردن ۽ عورتن طرفان شاهنواز چوڪ کان مشعل بردار ريلي ڪان احتجاجي ريلي ڪڍي جيڪا شهر جو گشت ڪندي پريس ڪلب پهتي جتي ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي موقعي تي خطاب ڪندي سورمي سٽ جي اڳواڻن ماروي عابد سمون غفار ساحل صدام عنايت پٺاڻ ۽ ٻين چيو ته سنڌو دريا مان ڪئنال ڪيڻ سنڌ جي عوام خلاف معاشي دهشت گردي آهي جنهن سان ڪروڙين ماڻهو بيروزگار دربدر ٿي ويندا هنن چيو ته شهباز شريف آصف زرداري ۽ سگهارن ادارن جي گٺ جوڙ سان سنڌ ۾ رهندڙ غريب سنڌين کي بک مارڻ جو پلان ناهي وڏو انساني الميو پيدا ڪرڻ جو پلان جوڙيو ويو آهي جيڪو وڏو پاڳل پن آهي هنن چيو ته ڪئنال ٺهڻ سان سنڌ ۾ ڪروڙين ماڻهو بيروزگار ٿي شهرن ڏانهن لڏپلاڻ ڪندا وري ڪو نئون انساني الميو جنم وٺندو هنن چيو حڪمرانن جي سامراجي ذهنيت ۽ غير سنجيدگي افسوسناڪ آهي جنهن جي جيتري مذمت ڪجي اها ٿوري آهي هنن اقوام متحده جي سيڪريٽري جنرل چيف جسٽس سپريم ڪورٽ آف پاڪستان صدر پاڪستان وزيراعظم آرمي چيف سميت سمورين اعلا اختيارين کي اپيل ڪئي ته سنڌو درياهه تي ڪئنالن جي اڏاوت جي منصوبي کي رد ڪري دريا مان ڪئنالن جي اڏاوت بند ڪرائي سنڌ جي ست ڪروڙ عوام مان بي چينيءَ کي ختم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سنڌ جو عوام پنهنجي نسلن جي بقا لاءِ ڪنهن به قرباني کان نه ڪيٻائيندو

بقايا ----------- 09

تعلقا نصيرآباد سيد سخاوت شاهه رضويءَ ذاڪر زنوار ڪاظم رضا ڪاظم جي اڳواڻي ۾ سينيما چونڪ تان نڪتو ماتمي جلوس عزاداري ڪندي شهرجي مختلف رستن کان ٿيندو فاضل راهو مين چونڪ تي پهتا. جتي مجلس عزا کي مقررن حيدر عباس آف ڪبير والا. علاما غلام اصغر گديري آف سکر، ۽ ذاڪر زنوار ڪاظم رضا ڪاظم خطاب ڪندي چيو ته الله سائين جي پياري محبوب رحمت العالمين حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جي وصي ۽ پيارو نياڻو شوهر فاطمه الزهرا. جنت جي سردار محسن انسانيت ساقيءِ ڪوثر مولا علي عليه السلام جي پيدائش جي گهر ڪعبي ۾ ۽ شهادت به جي گهر مسجد م نماز ادا ڪندي ٿي آهي. هنن چيو ته محمد مصطفي صل عليڪم وسلم جو فرمان آهي ته جنهن جنهن جو مان مولا آهيان ان ان جو علي عليه السلام مولا آهي. نبي پاڪ اهو به چيو آهي ته اي علي تنهنجو نفس منهنجو نفس. تون مون منجهان آهين مان تو منجهان آهيان هنن چيو ته اسان مسلمانن کي نبي پاڪ ۽ مولا علي عليه السلام جي ڏنل رستي هلڻ گهرجي ان م ئي اسان انسان ذات جي بهتري آهي. آخر عزاداري ۽ ڪئي وئي.

بقايا ----------- 10

ماتمي جلوس بر آمد سيوهڻ پهچي درگاهه حضرت سخي لعل شهباز قلندر رحہ جي مزار تي حاضري پري عزاداري ڪئي وئي، پير آف پٽ شاهه سيد فرحاد عباس شاهه لطيفي ،سيد احسن عباس شالطيفي ،سيد نانو سائين، سيد پرويز علي شاهه جي اڳواڻي ۾ مختلف گاڏين ۾ سوار جلوس سيوهڻ پهتو جتي مومنن کي افطاري بعد لنگر نياز ڪرايو ويو، جنهن بعد ماتمي جلوس درگاهه سخي لعل شهباز قلندر جي مزار تي پهتو جتي سوين مومنن پاران سينا زني ۽ نوحه خواني ڪري عزاداري ڪئي وئي ۽ امير ڪائنات حضرت علي عليه السلام کي شهادت جي موقعي تي پيتا پيش ڪئي وئي ان موقعي تي پير آف پٽ شاهه سيد احسن عباس شالطيفي جو چوڻ هو ته هرسال جيان جلوس جي صورت ۾ امير ڪائنات حضرت علي عليه السلام جي شهادت جي موقعي قلندر جي مزار تي ڊيوٽي پري عزاداري لاءِ پهتا آهيون ۽ پنهنجي عزاداري ذريعي امير ڪائنات کي پرسو ڏيڻي رهيا آهيون ۽ آخر ۾ قلندر لعل شهباز جي مزار تي دعا گهري وئي.

بقايا ----------- 11

پوءِ ڪئنالن جي اڏاوت خلاف احتجاج ريڪارڊ ڪرائڻ جي اپيل ڪئي آهي. سنڌو بچايو تحريڪ گهر گهر پهچي وئي آهي، سنڌو درياهه تي ڪئنال ڪنهن به صورت اڏڻ نه ڏينداسين، سنڌي ماڻهو عيد اجتماعن کان پوءِ غير قانوني ڪنالن جي اڏاوت خلاف احتجاج رڪارڊ ڪرائڻ. جيستائين ڪئنالن جي رد ٿيڻ جو نوٽيفڪيشن نٿو نڪري تيستائين اها جدوجهد جاري رهيندي، عيد بعد سنڌ جا روڊ ۽ رستا بند ڪيا ويندا. عوامي جمهوري پارٽي خبر موجب عوامي جمهوري پارٽي ڪراچي ڊويزن پاران سچل ڳوٺ ۾ ڊويزنل اجلاس ڪوٺايو ويو، جنهن ۾ پارٽي اڳواڻن توڙي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ضلعي ڪراچي اوڀر، ملير ۽ ڪراچي ڊويزن جا عهديدار چونڊيا ويا، ڪراچي ڊويزن لاءِ صدر ايڊوڪيٽ جاويد چنه، نائب صدر مير گلاب راڄپر، جنرل سيڪريٽري نبي بخش عباسي، جوائنٽ سيڪريٽري مختيار شيخ، پريس سيڪريٽري ايڊوڪيٽ ظهور ڪوسو خزانچي پرويز عباسي چونڊيا ويا، اليڪشن ڪميٽي جي ميمبر حريف چانڊيي چونڊيل عهديدارن کان وفاداري جو حلف ورتو جڏهن ته ضلعي اوڀر صدر جمن تنئي سالياني رپورٽ پيش ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن جاويد چنا، ايڊوڪيٽ اياز چانڊيي، غلام حاجاڻي، پرويز ابڙي، گلاب راءِ، نبي بخش عباسي، ڊاڪٽر ظفر قادري، لال محمد چانڊيي، مڪيش ڪمار، شفيع ڪلمتي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌو بچايو تحريڪ گهر گهر پهچي وئي آهي، سنڌو درياهه تي ڪئنال ڪنهن به صورت اڏڻ نه ڏينداسين، سنڌي ماڻهو عيد اجتماعن کان پوءِ غير قانوني ڪنالن جي اڏاوت خلاف احتجاج رڪارڊ ڪرائڻ. هنن چيو ته جيستائين ڪئنالن جي رد ٿيڻ جو نوٽيفڪيشن نٿو نڪري تيستائين اها جدوجهد جاري رهيندي، عيد بعد سنڌ جا روڊ ۽ رستا بند ڪيا ويندا هنن چيو ته اسان جي سياست جو محور سنڌ آهي اسين وطن لاءِ بيلا هونداسين. اسان جو درياهه اسان جو ساهه آهي، سڄي سنڌ جي ماڻهن کي گذارش آهي ته عيد نماز جي اجتماعن کان پوءِ سنڌو درياهه تي اڏندڙ ڪئنالن خلاف احتجاج ڪن. اڳواڻن چيو ته سنڌي ماڻهو هزارين سالن کان پنهنجي وجود بچائڻ لاءِ جدوجهد جاري رکي آهي ۽ هر ڌاري ۽ ڦورو سان جنگ جوٽي آهي، ايم آر ڊي تحريڪ ۾ سنڌ جي جدوجهد مثالي هئي. سنڌن چوڻ هو ته اڄ درياهه بچائڻ جو چئلينج آهي، سنڌو درياهه سنڌ جو ساهه اهي، اسان کي گهرجي ته ان تحريڪ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيون، دريا بچندو ته هر شئي بچندي، درياهه ويو ته هر شئي تباهه ٿيندي. درياهه ۾ اسان جي بقا آهي، سنڌ جي بقا لاءِ هر نندي وڏي کي اٿڻو پوندو. ڇهن غير آئيني ڪئنالن جو منصوبو سنڌ جي ست ڪروڙ ماڻهن جي معاشي قتل جو منصوبو آهي. هر پيري پنهنجي مرضي جا پاڻي جا ناهه ڪيا ويا. 1945 جي ناهه تحت سنڌ کي پاڻي ڏنو ويو، پنجاب تي نديون وڪڻي ڇڏيون. سنڌ جي مرضي کان سواءِ سنڌ طاس معاهدو ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ جي ڪابه نمائندگي نه هئي. 1991 ع پاڻي ناهه تحت به سنڌ کي پاڻي نه ڏنو ويو، سنڌو تي ڪئنال ڪو نه اڏڻ ڏينداسين ۽ فيصلي واپس وٺڻ تائين جدوجهد جاري رهندي.

بقايا ----------- 12

ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي تڪراري ڪينالن خلاف سخت نعري بازي ڪيي ويي. احتجاجي ڪيمپ/ ريلي ۾ شهرجي مختلف سياسي، سماجي تنظيمن، صحافين ۽ سوشل ورڪرن ڀرپور شرڪت ڪيي. احتجاجي مظاهري ۾، پورهيت مزاحمت تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ بلاول پرڳڙي، ماجد پکهيو، اسد نظام چانڊيو ،سنڌ شاگرد محاذ جي ايم بي چانڊيو ايس يو پي طرفان غلام محمد گاڏهي ۽ نظير ٻيرـ طبقاتي جدوجهد طرفان اعجاز ٻيرـ ايس ٽي پي طرفان سڪندر ڪوکر ۽ علي حسن جانوري ـ قومي عوامي تحريڪ پاران مرڪزي اڳواڻ ايڊووڪيٽ مير ڪوسو ـ عوامي تحريڪ پاران لياقت ڪوسو ـ عوامي پورهيت تحريڪ پاران پنهل ڪوسو ـ پيپلز پارٽي (شهيد ڀٽو) طرفان غفار چانڊيو ـ جي يو آءِ طرفان سايين حافظ انور ڪوهارو ـ سنڌي ادبي سنگت طرفان سايين بخت ٻرڙو ـ عوامي ورڪرز پارٽي طرفان زبير چانڊيو يوٿ پارليامنٽ طرفان حسين لغاري ۽ علي سيٽي شامل رهيا ـ مختلف سياسي، سماجي ۽ ادبي تنظيمن جي زميوار اڳواڻن پنهنجي گڏيل بيان ۾ چيو ته سنڌو درياهه مٿان ڪينالن جو منصوبو ختم ڪيو وڃي. سنڌو درياهه مٿان ڪينال ڪنهن به صورت ۾ سنڌ جي ماڻهن طرفان قبول ڪون ڪيا ويندا هنن مطالبو ڪندي چيو آهي ته جلد کان جلد سنڌو درياءَ مان غير قانوني ڪيندڙ ڪئنالن وارو اعلان واپس ورتو وڃي ۽ سنڌو کي سڪائڻ بند ڪيو وڃي.اسين سنڌو درياهه سان بي پناهه پيار ڪريون ٿا. وفاقي حڪومت پاران سنڌو ندي مٿان نوان ڪينال ناهڻ وارو فيصلو واپس ورتو وڃي.

بقايا ----------- 13

خيالن جو اظهار يوٿ پارليامينٽ جي سڏ تي نڪتل احتجاجي ريلي کي قومي عوامي تحريڪ ضلعي دادو جي صدر ناليواري وڪيل مير ڪوسو يوٿ پارليامينٽ ضلع دادو جي اڳواڻ آزاد حسين لغاري، سومر چانڊيو ۽ ٻين اڳواڻ خطاب ڪندي چيو هنن وڌيڪ چيوڙ پيپلز پارٽي بنقاب ٿي چڪي آهي فا .47واري حڪومت کي ڪوبه حق نه آهي ته هو قومي مسئلن سان هٿ چراند ڪري هنن چي ته هر دور ۾ اسان سنڌين مٿان طرحين طرحين قسم جا حربا هلائي ڪنهن مصيبتن ۾ ڦاسائي ويو آهي نوان ڪئنال ڪڍي پنجاب جي چولستان جي ريگستان کي آباد ڪيو ويندو ايئن ڪرڻ سان سنڌو درياءَ سڪي ويندو ۽ سنڌ سموري بنجر ٿي ويندي، جنهن کي اسين هر گز قبول ن ڪنداسين. پاڻي اسان جو جياپو آهي. اسان جو جيئڻ ۽ مرڻ سنڌ سان آهي. هنن مطالبو ڪندي چيو آهي ته جلد کان جلد سنڌو درياءَ مان غير قانوني ڪيندڙ ڪئنالن وارو اعلان واپس ورتو وڃي ۽ سنڌو کي سڪائڻ بند ڪيو وڃي.اسين سنڌو درياهه سان بي پناهه پيار ڪريون ٿا. وفاقي حڪومت پاران سنڌو ندي مٿان نوان ڪينال ناهڻ وارو فيصلو واپس ورتو وڃي، جيستائين وفاق پنهنجو فيصلو واپس نٿو وٺي هي احتجاج جاري رهندا ڪئنال ٺهندا ته سنڌ مڪمل تباهه ٿي ويندي

بقايا ----------- 14

21 رمضان مولا ڪائنات امير المومنين علي عليه السلام جي شهادت جي سلسلي ۾ ماتمي قافلو تابوت سان گڏ برآمد ڪيو ويو. جڏهن ته ذاڪر اهل بيت علامه وقار حيدر ٻرڙو مجلس عزه کي خطاب ڪيو ۽ مختلف مقامي انجمن طرفان نوحه خوني ڪئي وئي ۽ مومنن سينا زني سميت زنجيرن جو ماتم ڪيو. جلوس ۾ سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا.

بقايا ----------- 15

ونگ جي سربراهه ڊاڪٽر پير تاج جيلاني جي سڏ تي 23 مارچ جي حوالي سان تعلقي خيرپورناٿن شاهه دفاع پاڪستان ونگ جي سر پرست اعلي عبدالحميد گاڏهي صدر سڪندر ڪوسو جنرل سيڪريٽري ساجد علي پيرزادو سينيئر نائب صدر آصف علي پنهور. سٽي صدر امداد پنگر. زخمي اسلم چانڊيو شمس الدين چانڊيو بهادر گاڏهي ۽ ٻين دوستن جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ شهرين شرڪت ڪري پاڪستان زنده آباد فوج زند باد جا نعرا هنيا ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن قومي جهنڊا لهرائيندي پاڪ فوج جي قربانين کي ڀيٽا پيش ڪئي. "پاڪ فوج زنده باد! پاڪستان پائنده باد!" جا گونجندڙ نعرا شهر جي هوا ۾ گونجي رهيا هئا. ريلي پريس ڪلب تي پهتي، جتي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته 23 مارچ جو ڏينهن پاڪستان جي تاريخ ۾ هڪ اهم باب لکجي ٿو چو ته هي ڏينهن اسان کي انهن شهيدن جي ياد ڏياري ٿو جن پنهنجي زندگيون قربان ڪري ملڪ جي سرحدن کي محفوظ بڻايو "اسان کي پاڪ فوج، آءِ ايس آءِ ۽ سمورين سيڪيورٽي ادارن تي فخر آهي، جيڪي ڏينهن رات ملڪ جي حفاظت لاءِ پنهنجو رت وهائين ٿا." اڳواڻن جو چوڻ هو ته ملڪ جي سلامتي ۽ بقاءَ لاءِ اسان سيني کي متحد رهڻ گهرجي. ريلي ۾ شامل ماڻهن جو جوش قابل ديد هو جتي پاڪستان جي ترقي، سلامتي ۽ امن لاءِ خاص دعائون گهريون ويون ريلي جو بنيادي مقصد شهيدن جي لازوال قربانين کي خراج تحسين پيش ڪرڻ ۽ پاڪ فوج سان لازوال محبت جو اظهار ڪرڻ هو هي ريلي نه رڳو حبّ الوطني جو اظهار هئي، پر هڪ واضح پيغام پڻ هيو . پاڪستاني قوم پنهنجي محافظن سان گڏ بيٺل آهي!

بقايا ----------- 16

آفيس کان شهيد محترمه بينظير ڀٽو چوڪ تائين ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ ريلي ۾ تعليم صحت پوليس روينيو اطلاعات کاتو سماجي تنظيمن ميڊيا اقليتن سول سوسائٽي ۽ شاگردن سميت زندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ريلي کي خطاب ڪندي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ڪاشف رضا منگي چيو ته قرارداد پاڪستان، جيڪا 23 مارچ 1940 تي آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاس ۾ منظور ڪئي وئي پاڪستان جي قيام ڏانهن پهريون باقاعده قدم هو اج اسان انهي قرارداد جي ياد ۾ هي ڏينهن ملهائي رهيا آهيون قرارداد جو بنيادي مقصد اهو هو ته برصغير جي مسلمانن لاءِ الڳ وطن حاصل ڪيو وڃي جتي هو پنهنجي مذهبي سياسي سماجي اقتصادي ثقافتي ۽ تمدني آزاديءَ سان زندگي گذاري سگهن هن چيو ته قرارداد پاڪستان جي نظريي کي واضح ڪيو جنهن جي بنياد تي 1947 ۾ پاڪستان قائم ٿيو 23 مارچ پاڪستان جي تاريخ جو هڪ اهم ڏينهن آهي جيڪو اسان کي ان عزم جي تجديد جو موقعو فراهم ڪري ٿو ته اسان پنهنجي پياري وطن جي ترقي خوشحالي ۽ سلامتي لاءِ ڀرپور ڪوششون جاري رکون. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان حاصل ڪرڻ لاءِ ڏنل قربانيون اسان کان مطالبو ڪن ٿيون ته اسان پنهنجي ذميوارين کي سمجهون ۽ ملڪ جي بهتري لاءِ پاڻ پتوڙيو

بقايا ----------- 17

ڪراچي اوڀر (ن پاڪ) ڪراچي شاهنواز شر ڳوٺ جي بلاڪ پرسان سرڪاري زمين تي قبضي جي ڪوشش قبضا مافيا جي ماڻهن طرفان تعميراتي/ڏسو صفحو 2 بقايا 17 ڪم شروع ڊپٽي ڪمشنر اوڀر ابرار احمد جعفر قبضي جو نوٽيس ورتو سچل ٿاڻي تي سرڪاري زمين تي قبضو ڪندڙن مٿان اينٽي انڪروچمينٽ جي اي ايس آءِ جي فرياد تي ڪيس داخل سچل ٿاڻي جي جاچ پوليس جوابدارن کان لکين روپيا رشوت وٺي انهن کي گرفتار ڪرڻ بجاءِ ڪورٽ مان ضمانت ڪرائڻ جو مشورو ڏئي ڇڏيو خبرموجب ڪراچي شاهنواز شر ڳوٺ جي پرسان سرڪاري زمين تي قبضا مافيا جي ماڻهن طرفان قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جڏهن ته قبضا مافيا جي ماڻهن طرفان سرڪاري زمين تي قبضو ڪري ان تي تعميراتي ڪم شروع ڪرائڻ واري اطلاع ملڻ تي ڊپٽي ڪمشنر ايسٽ ابرار احمد جعفر نوٽيس ورتو آهي جنهن بعد اينٽي انڪروچمينٽ جي اي ايس آءِ عمير بلوچ جي فرياد تي سچل ٿاڻي تي جوابدارن دلبر شر، غلام شر، شاهجهان مارفاڻي، روشن مارفاڻي، اوشاق ڀٽو، شڪور مارفاڻي، رحمت الله مارفاڻي سميت 11 ڄڻن مٿان سرڪاري زمين تي قبضي ڪرڻ جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي سرڪاري زمين تي قبضي جو ڪيس داخل ٿيڻ بعد سچل ٿاڻي جي جاچ پوليس جي ايس آءِ او سڪندر چنو ۽ ڪيس جي آءِ او سرڪاري زمين تي قبضو ڪندڙن بجاءِ ڪم ڪندڙ مزدورن کي گرفتار ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته سرڪاري زمين تي قبضو ڪندڙن کان جاچ پوليس جي عملدارن طرفان انهن کي گرفتار ڪرڻ بجاءِ انهن کي ڪورٽ مان ضمانت ڪرائڻ جو مشورو ڏنو آهي

بقايا ----------- 18

ڪلي ڇوٽ مليل جنهن ڪري تيزي سان نوجوان نسل تباهه ٿيڻ لڳو ايس پي ٺٽو ۽ ٻين وس وارن کان منشيات بند ڪرائڻ جي اپيل تفصيل موجب ڪي ڊي اي روڊ لڳ پمپ هائوس ڪالوني ويجهو ڪافي عرصي کان هلندڙ منشيات جي اڏي کي هڪ بااثر ماڻهو جي سرپرستي حاصل آهي جنهن ڪري ڪوبه ادارو توڙي گهارو پوليس بااثر اڳيان بيوس بڻيل گهارو جي سڃاڻ ڏرين مولوي محمد قاسم چانڊيو، غلام قادر پنهور، ۽ ٻين پاران آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد، ايس ايس پي ٺٽو کان مطالبو ڪيو آهي ته سالن کان هلندڙ منشيات جي اڏي کي بند ڪرائي نوجوان نسل کي منشيات جي لعنت کان بچايو وڃي

بقايا ----------- 19

جند ڇڏائڻ لاءِ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو. عورت جي مڙس راشد جويو ڊاڪٽر جي نااهلي خلاف هيومن رائيٽس پروٽيڪشن اينڊ سوشل جسٽس جي آفيس پهچي ڌانهيندي چيو ته منهنجي گهرواري جو ڊليوري هو پٽ شاهه رورل هيلٿ سينٽر ۾ ڪٿي آيا سين جنهن بعد ڊاڪٽرن جي مبينا غفلت سبب منهنجي گهرواري جي آنڊو ڪٽجي ويو جنهن بعد ڊاڪٽرن پنهنجي نااهلي لڪائڻ لاءِ فوري طور تي اسان کي حيدرآباد منتقل ڪيو حيدرآباد ۾ پرائيويٽ اسپتال ۾ علاج تي منهنجا 7 لک روپيا خرچ ٿي ويا مگر اجان تائين منهنجي زال جي طبيعت صحيح ٿي نه سگهي آهي پٽ شاهه اسپتال جي ڊاڪٽرن جي نااهلي خلاف مون پي پي ايچ آئي کي به درخواست ڏني آهي مگر ڪا ڪارروائي نه ٿي آهي جنهن لاءِ آئون سنڌ حڪومت، صحت کاتي سميت هيومن رائيٽس پروٽيڪشن اينڊ سوشل جسٽس کان نوٽيس ۽ مدد جي اپيل ڪريان ٿو ته مون غريب جي مدد ڪري انصاف ڪيو وڃي، ان موقعي تي هيومن رائيٽس پروٽيڪشن اينڊ سوشل جسٽس جي مرڪزي چيئرمين رانا غلام نبي راجپوت پاران متاثر نوجوان سان هر ممڪن ساٿ ۽ مدد جو يقين ڏياريو ويو ۽ اعلا اختيارين کي ليٽر لکي اسپتال جي ڊاڪٽرن خلاف ڪارروائي جي گهر ڪئي وئي آهي.

بقايا ----------- 20

ان سلسلي ۾ ڪالھ سماجي تنظيم پاڪ ڊفينڊر سول آرگنائيزيشن طرفان يوم پاڪستان جي موقعي تي شهر جي لاهوري ريگيوليٽر وٽان مرڪزي چيئرمين سڪندر علي ابڙو، وائيس چيئرمين غلام حسين بگهيو، سيد امجد علي شاهه، رشيد احمد ميمڻ، وسيم ڀٽو، مجاهد علي تنيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾، جڏهن ته پاڪستان زنده آباد مومينٽ طرفان شهر جي ميروخان چوڪ وٽان سيد ذوالفقار حيدر شاهه، اياز علي وڏو، عبدالنبي قريشي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڌار ڌار ريليون ڪڍيون ويون، جيڪي شهرجي مختلف روڊن رستن کان ٿينديون پريس ڪلب اڳيان پهتيون، جتي اڳواڻن هٿن ۾ بئنر پلي ڪارڊ ۽ قومي پرچم کڻي نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي ريلين کي خطاب ڪندي مٿين اڳواڻن چيو ته 23 مارچ يوم قرارداد پاڪستان 1940 ع ۾ پيش ڪيو ويو

بقايا ----------- 21

ڪوتاهي خلاف دادو پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي ڌانهيو آهي ته گهر پرسان موري ٽٽل هجڻ سبب گندو پاڻي گهر اندر داخل ٿي رهيو آهي جڏهن ته گندو پاڻي مسلسل ٽن مهينن کان گهر ۾ گهڙي ۾ بيهڻ سبب جڳهه کي پڻ نقصان رسيو آهي، هن چيو ته ڪيترائي ڀيرا ميونسپل ڪاميٽي جي عملدارن کي لکت ۾ شڪايتون ڪيون آهن پر ڪوبه ڪامورو ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي، هن چيو ته هو ڏهاڙي تي مزدوري ڪندو آهي بکون ڪاٽي گهر ٺهرايو هو جتي گندو پاڻي گهر ۾ داخل ٿيڻ سبب گهرجي ڀتن کي نقصان رسيو آهي ۽ ڏار پئجي ويا آهن

بقايا ----------- 22

ڪڻ جي گهر خبرموجب شڪارپور شهر ۾ واقع تاريخي درگاهه منجر شاهه جي قبرستان تي ٿيل قبضن خلاف درگاهه جي احاطي ۾ وقار حسن عباسي جي اڳواڻي ۾ سخت احتجاج ڪيو ويو احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪندي مظاهرين چيو ته پوليس کاتي جي اي ايس آءِ بشير گوپانگ ۽ مولانا عبدالغفور بکراڻي درگاهه جي قبرستان تي قبضو ڪري پنهنجا گهر ناهي ڇڏيا آهن اسين واسطيدار اعلي اختيارين کي لکت ۾ شڪايتون ڪيون آهن ۽ ان بابت عدالت سگهوري ۾ به ڪيس هلندڙ آهي هنن چيو ته مختيارڪار شڪارپور اي ايس آءِ بشير گوپانگ ۽ مولانا عبدالغفور بکراڻي طرفان قبضو ڪيل زمين قبرستان جي پراپرٽي ظاهر ڪري ڇڏي آهي پوءِ به هو وقتن بوقتن اسان مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪري حراسان ڪري رهيو آهي ـ ۽ ڏوهاري قسم جي ماڻهن کان قتل ڪرائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي اسين درگاهه جا شريف متولي آهيون وس وارن کان مطالبو ٿا ڪريون ته قبرستان تي قبضو ڪندڙ اي ايس آءِ بشير گوپانگ ۽ مولانا عبدالغفور بکراڻي خلاف سخت قدم کڻي قبضا ڇڏرائي ڏنا وڃن نه ته سخت احتجاج ڪنداسين.

بقايا ----------- 23

سخيراڻي، وحيد ساند، شفيق جتوئي، حسين بخاري ۽ ٻين چيو ته سنڌ ۾ 319 ميوزڪ ٽيچرس کي آفر آرڊر جاري ڪيا ويا ٻه سال گذري ويا اڃا تائين جوائننگ نه ملي سگهي آهي هنن چيو ته بيروزگاري سبب سنڌن خاندان فاڪاڪشي واري زندگي گذاري رهيا آهن. سنڌ حڪومت پاران ٽيسٽ ذريعي پاس ڪيو ويو جنهن بعد ميڊيڪل به ڪرايو ويو آفر آرڊر کي ٻه سال کان مٿي عرصو گذري ويو آهي هيئر تائين جوائننگ آرڊر جاري نه ٿي سگهيا آهن. مظاهرين سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته ميوزڪ ٽيچرس کي جوائننگ آرڊر جاري ڪري ڪين بيچيني دور ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ پوري سنڌ ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

بقايا ----------- 24

سليم علي پنهور ۽ ٻيا ڪري رهيا هيا ،احتجاج ڪندڙ سنڌوءَ تي ڪئنال نامنظور،سنڌ سڪائڻ بند ڪيو جا نعرا هڻي رهيا هيا ، احتجاج کي اڳواڻن سوشل ورڪر زاهد پنهور ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌو جو پاڻي اسان لاءِ ماءُ جي کير برابر آهي اسان سنڌو مٿان ڪئنال ڪڏهن به برداشت نه ڪنداسين اسان جو جهيڙو سنڌ جا حق کائيندڙ پنجاب سامراج سان آهي اسان چاهيون ٿا ته سنڌ ڌرتي جا سڀ ماڻهو ڪئنالن خلاف ڀرپور احتجاج ڪن ۽ سنڌ ڏانهن ايندڙ پنجاب جا رستا بند ڪري پنجاب کي ٻڌايون ته اسان سنڌي قوم ڪئنالن خلاف هر مزاحمت ڪنداسين پر سنڌوءَ تي ڪئنال ٺهن نه ڏينداسين

بقايا ----------- 25

غلام راشد خان سندراڻي، هٿا تفصيل موجب ڪنڌڪوٽ ڳوٺ حاجي بگن خان سومرو ۾ شهيد جي ورسي جي تقريب منعقد ڪئي وئي، تقريب ۾ تلاوت ڪلام سان ڪئي وئي، مهمان خاص تعلقا چئيرمين مير غلام راشد خان سندراڻي، سيد رحم علي شاهه، مشتاق خان بنگوار، سردار لياقت خان ملڪ، ۽ سياسي سماجي سول سوسائٽي صحافين ۽ سومرا برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، آيل مهمان جي لاءِ لنگر جو پڻ اهتمام ڪيو ويو، شهيد حاجي بگن خان سومرو جي پاءِ اڳوڻو سيڪو چيف منظور حسين سومرو، پائيٽي صدام حسين سومرو، شهيد جي پٽ ڪراچي سنڌ بار جي اڳواڻ ايڊووڪيٽ عبدالقادر سومرو، غلام حسين سومرو، فدا حسين سومرو، قدم حسين سومرو، ٻين چيو ته شهيد حاجي بگن خان سومرو کي اسان کان وڇڙي 25 سال گذاري ويا هئا. اسان کي هميشه ياد آهي، ان پنهنجي زندگي ۾ غريب مسڪين جي هڏوکي رهيو ان هميشه غريب مسڪين جي مدد ڪندو هئو ان جي وڇڙي کي ورهيا گذاري ويا آهن پر اسان جي دلين ۾ هميشه يار رهي ٿو ان جي ياد تازه ڪرڻ جي لاءِ هر سال جيان ماهه رمضان جي پلاري مهيني ۾ افطاري ۽ ورسي جو پروگرام منعقد ڪيو ويندو آهي، شهيد جي روح کي ايصال ثواب پهچائڻ لاءِ روزيدارن کي افطاري پارٽي جو اهتمام ڪيو ويندو آهي.،

بقايا ----------- 26

جي مختلف تنظيمن ۽ شهري اتحاد وارن ڀرپور شرڪت ڪئي. ان موقعي تي وائيس چيئرمين مڪي راجڪمار، ڊاڪٽر منوهر لعل، سومرا اتحاد جي صدر سياسي سماجي شخصيت خليل سومرو، سمال ٽريڊرس جي صدر چوڌري عبدالرزاق آرائين، ريڙهي ايسوسيئيشن جي صدر صادق لغاري، ممتاز ڀٽو ۽ شهر جي مختلف سياسي سماجي تنظيمن پاران شرڪت ڪئي وئي. هوڏانهن پاڪستان جي ڏهاڙي جي موقعي جي مناسبت سان مختيارڪار اشرف علي پتافي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان کي وڏين قربانين سان حاصل ڪيو ويو ۽ ان قرباني ۾ پاڪستاني وڏڙن، بزرگن، توڙي نوجوانن جون قربانيون شامل آهن. ان موقعي تي خليل سومرو، صادق لغاري ۽ ڊاڪٽر منوهر ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان پاڪستان جي انچ انچ جي حفاظت ڪنداسين پاڪستان فوج کي سلام پيش ڪيون ٿا جن قربانيون ڏئي ملڪ کي روشن رکيون اچن پيا.

بقايا ----------- 27

, اسپتال منتقل، شهدادپور شهر جي ملدسي روڊ شهيد پيروٽ تيز رفتار ٻن موٽر سايئڪل ۾ آمهون سامهون زوردار ٽڪر ٿي پيو، ٽڪر جي نتيجي ۾ ڳوٺ بالو فقير پنيرو واسي هرنال پيل جڏهن ته ڳوٺ ڏني بخش پنهور واسي علي حسن پنهور سخت زخمي ٿي پيا، ٻنهي زخمين کي سمس اسپتال شهدادپور پهچايو ويو، جتي زخمين کي طبي امداد ڏني پيي وڃي،

بقايا ----------- 28

ميهڙ سب جيل ، مختيارڪار ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر جي آفيس ٻاهران رائيس مل اڳواڻ فدا حسين جانوري جي ڀائٽي صدرالدين جانوري جي 2011 ماڊل جي ايل آءِ ڪار نامعلوم چور چوري ڪري فرار ٿي ويا ميهڙ: ڪار مالڪ صدرالدين جانوري ۽ ٻين روينيو آفيس اڳيان احتجاج ڪندي ڌانهيو ته ميهڙ شهر ۾ بدامني وڌي وئي آهي ميهڙ جي سب جيل سان لڳ اي سي ۽ مختيار آفيس ۾ پوليس جي موجودگي ۾ نامعلوم چور بيٺل ڪار به آساني سان چوري ڪري وڃن ٿا ميهڙ ۾ ايترو ظلم وڌي ويو آهي پوليس ڏوهارين خلاف ڪا ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي هنن چيو ته ميهڙ اي سيڪشن ۽ سي آءِ اي پوليس ڏوهارين سان ٻٽ بڻيل آهي عيد ويجهو ايندي ئي امن امان جي صورتحال انتهائي خراب بڻجي وئي آهي ميهڙ پوليس ڏوهارين خلاف ڪا ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي واپاري دڪاندار سرعام ڦرجي رهيا آهن پر ڪير ٻڌڻ وارو نه آهي هنن ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته چوري ٿيل ڪار واپس ڪرائي ڏني وڃي ٻي صورت ۾ شهرين، واپارين ۽ سول سوسائٽي پاران ميهڙ انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا ----------- 29

ڪاهي پيا، مسجد جي موذن عامر ڪاڪا کي مارڪٽ بعد گرفتار ڪري ڪنبي کڻي ويا ڳوٺاڻن پاران پوليس خلاف سخت احتجاج ڪندي گرفتار موذن جي پيءُ امام الدين ڪاڪا ۽ ڀاءُ علاوالدين ڪاڪا، نظام الدين ڪاڪا ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پوليس بلاجواز ڳوٺ مٿان ڌاڙيلن جيان ڪاهه ڪندي چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائمال ڪندي اسان جي گهرن ۾ داخل ٿي عورتن مٿان تشدد ڪري ڪين حراسان ڪرڻ لاءِ هوائي فائرنگ ڪندي ڊاهه ڊاهه ڪئي بعد ۾ مسجد اندر داخل ٿي موذن عامر ڪاڪا کي تشدد بعد گرفتار ڪري گم ڪري ڇڏيو آهي هنن چيو ته ڪيس آزاد نه ڪيو ويو ته ٿاڻي آڏو سخت احتجاج ڪنداسين. ٻئي طرف رابطي ڪرڻ تي ڊي ايس پي منظور حسين لکي ٻڌايو ته اشتهاري ڏوهارين جي گرفتاري لاءِ ڇاپو هنيو پر اهي فرار ٿي ويا باقي اسان ڪنهن کي به گرفتار ناهي ڪيو ٻئي پاسي گرفتار ٿيل نوجوان عامر ڪاڪا کي آزاد ناهي ڪيو ويو

بقايا ----------- 30

مڪ ڏنبورا چوڪ تي دوڪاندار ايسوسيئيشن طرفان سي آءِ اي پوليس ۽ بااثر شوروم مالڪ خلاف نعريبازي ڪئي وئي احتجاج دوران پوليس تشدد ۽ تذليل جو شڪار بڻيل نوجوان منار لاڪو ۽ علي گل ٻرڙو به موجود هٿا دوڪاندار ايسوسيئيشن جي صدر لالا خير محمد راهو جنرل سيڪريٽري محمد سرور راجپوت، ليار مل، غلام قادر ٻرڙو ،ذوالفقار راجپوت، فرمان راجپوت ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو اڳواڻن جو چوڻ هو ته پٽ شاهه جي سي آئي اي پوليس پاران شوروم مالڪ خادم حسين جي چوڻ تي دوڪاندارن ۽ شهرين تي تشدد ڪري ظلم جي انتها ڪري ڇڏي آهي پوليس جي تشدد سبب هڪ نوجوان شهري منار لاڪو گهمڻ ڦرڻ کان لاچار بڻيل آهي شڪايتن باوجود اعلا اختيارين نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار نه آهن هنن چيو ته سي آئي اي پوليس پٽ شاهه جو انچارج غلام مصطفا لاڪو بااثر شورو مالڪ خادم حسين جو ساٿاري بڻيل آهي هڪ هفتو گذرڻ باوجود انصاف نه ٿيو آهي ايس ايس پي متياري طرفان جوڙيل انڪوائري ٽيم به ڪو پوتو نه ٻاريو آهي هنن چتاءُ ڏيندي چيو ته 24 ڪلاڪن اندر سي آئي اي پوليس پٽ شاهه جي انچارج ۽ بااثر شوروم مالڪ خلاف قانوني ڪارروائي نه ٿي ته شهر ۾ شٽر بند هڙتال ڪنداسين

بقايا ----------- 31

جويو، عائشه جويو، حنيفان جويو، تنزيلا سرمد علي گوهر جويو ۽ ٻين بااثر پاران زمين تي قبضو ۽ گهٽي بند ڪرڻ خلاف هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي دادو پريس ڪلب آڏو علامتي بک هڙتال ڪئي مظاهرين چيو ته بااثر عمر ٻيهر ۽ ٻين گهرن ڏانهن ايندڙ مين رستي کي بند ڪري 14 ايڪڙ زمين تي قبضو ڪيو آهي، هنن چيو ته سنڌن جي خانداني زمين آهي جنهن جا ڪاغذ پڻ موجود آهن. بااثر خلاف ايس ايس پي دادو کي لکت ۾ شڪايت ڪئي، ايس ايس پي حد جي ٿاڻي تي موڪليو مخدوم بلاول پوليس بااثر آڏو بيوسي ظاهر ڪندي ڪاروائي کان ڪتو جواب ڏئي ڇڏيو آهي

بقايا ----------- 32

ڪالوني ويجهو 38 ورهين جي شخص جو گولين لڳل لاش هٿ آيو واقعي جي اطلاع تي پوليس پهچي ضروري ڪارروائي بعد لاش پوسٽ مارٽم لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو پوليس موجب مقتول جي سڃاڻپ ناهي ٿي سگهي.

بقايا ----------- 33

جنگشاهي ۾ غلط حفاظتي ٽڪا لڳڻ ڪري معصوم نياڻي جي طبيعت خراب ٿي پئي ۽ ڪيس جسم تي ڪارا داغ ۽ ٽنگ ۾ زخم ٿيڻ ڪري ڪيس پيهر جنگشاهي رورل هيلٿ سينٽر پهچايو ويو، جتان ايس ايم ايس ڊاڪٽر تاج پليجو مڪلي سول اسپتال ريفر ڪيو هو. جتان مڪلي اسپتال جي ڊاڪٽرن معصوم نياڻي کي ڪراچي جناح اسپتال جي چائلڊ وارڊ ۾ داخل ڪرايو جتي معصوم نياڻي زندگي ۽ موت جي چوواٽي تي زندگي سان جنگ ڪندي نيٺ زندگي جي ڏيئو اجهائي ڇڏيو، سندس لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو، پر اجان تائين معصوم نياڻي جي وارثن سان نه انصاف ٿي سگهيو آهي ۽ نه ئي غفلت جو مظاهرو ڪندڙ صحت کاتي جي عملي خلاف ڪا ڪاروائي ٿي سگهي آهي، فوتي نياڻي جي وارثن وس وارن کان انصاف ڪري ٿيل غفلت ڪندڙ عملي خلاف ڪاروائي جي گهر ڪئي آهي.

عام اطلاع

هرعام ۽ خاص کي هن اشتهار جي ذريعي اطلاع ٿو ڪجي ته فوتي حبيب ولد عبدالغفور ذات راجپوت ويٺل ڳوٺ ڪرڪلي تعلقو سنجهورو ضلعو سانگهڙ ديه ڪڙو جاگير يوسي ڪرڪلي. جيئن ته مٿي ڄاڻايل فوتي حبيب ذات راجپوت جي زرعي زمين ديه ڪڙو جاگير ۾ آهي جنهن جا حقي وارث هي آهن رقيه بيگم بيواهه حبيب. مهربان علي پٽ حبيب. بشره ڌي حبيب. سروري ڌي حبيب. اسلام الدين پٽ حبيب. محمد مبين پٽ حبيب. زبيده ڌي حبيب. انوري ڌي حبيب مٿي ڄاڻايل وارثن مان ڪنهن کي به اعتراض هجي ته 7 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت جي صورت ۾ مختيارڪار سنجهورو وٽ جمع ڪرائين ٻي صورت ۾ مٿي ڏيکاريل جايز حيات وارثن جي نالي اهڙي داخلا ڪارڊ تي رکي ويندي.

بحڪم مختيارڪار سنجهورو

بقايا 01

علائقي ۾ اوناءِ ۽ ٻڙدي وچ ۾ جهيڙو هڪ ٻئي تي سڌي فائرنگ، نتيجي ۾ گولين لڳڻ سبب نوجوان محمد حسن عرف حسنو ٻڙدي موقعي تي ئي فوت، علائقو جنگ جو ميدان بڻيل 9 ڪلاڪن کان فائرنگ جو سلسلو جاري رهيو، فائرنگ سبب علائقي ۾ ڏهڪاءُ ، پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ ورتو ۽ صورتحال تي قابو پاتو،ايس ايس پي ڄامشورو ظفر صديق ڇانگا پڻ واقعي واري هنڌ پهتو صورتحال جو جائزو ورتو ،لاش وارثن حوالي ڪيو ويو گهر ۾ ڪهرام متل، سيوهڻ پوليس جو بروقت نه پهچڻ سبب اسانجو ڳڀرو نوجوان مارجي ويو ٻڙدي برادري جو الزام، واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو، تفصيل موجب سيوهڻ لڳ ماهي اوٺو جي پوليس اسٽيشن جي حد ۾ ڪچي واري علائقي ۾ ٻيلي کاتي جي سرڪاري زمين جي مالڪي تان اوناءِ ۽ ٻڙدي برادري جا ماڻهو زمين تي مورچا قائم ڪري رات کان صبح تائين مسلسل 9 ڪلاڪن کان هڪ ٻئي مٿان سڌي فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ گولين لڳڻ سبب ڳڀرو نوجوان محمد حسن عرف حسنو ٻڙدي موقعي تي ئي فوت ٿي ويو آهي جنهن ڪانپوءِ سيوهڻ پوليس ۽ ماهي اوٺو جي پوليس واقعي واري هنڌ پهتا ته ٻئي ڌريون مورچا ڇڏي فرار ٿي ويا پوليس لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي ايمبولينس ذريعي سيد عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنس ۾ منتقل ڪيو ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي گهر ڀاتين ڪهرام مچي ويو روڄ راڙو پئجي ويو جڏهن ته ٻڙدي برادري جي ماڻهن جو چوڻ هيو ته بروقت پوليس جو واقعي واري هنڌ نه پهچڻ سبب اسانجو ڳڀرو نوجوان قتل ٿي ويو آهي جڏهن ته ايس ايس پي ڄامشورو محمد ظفر صديق ڇانگا واقعي واري هنڌ پهچي صورتحال جو جائزو ورتو آهي 9 ڪلاڪن کان شديد فائرنگ سبب علائقي ۾ ڏهڪاءُ ۽ خوف هراس ڇانئجي ويو آهي جڏهن ته واقعي جو ڪو به ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي.

بقايا 02

آهي اُن تي ڪو به ڪئنال قبول نه ڪنداسين. سنڌو درياءَ ۾ پاڻي جي کوٽ وڌي وئي آهي ۽ درياءَ ٽوڙي واهن جي پيٽن مان واري اڏامي رهي آهي. جنهن سبب آبادگارن هاري پاڻي نه ملڻ سبب سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن. هن چيو ته فنڪشنل مسلم ليگ پاران عيد کان پوءِ نڪرندڙ ڪئنالن خلاف اجان وڌيڪ تحريڪ تيز ڪنداسين. هن چيو ته سنڌو درياءَ مان غير قانوني ڪئنال ڪڍڻ واري عمل خلاف سنڌي قوم ڀرپور آواز اٿاري رهي آهي ۽ ڀرپور احتجاج ڪري رهي آهي. امام بخش قلبوٽو وڌيڪ چيو ته سورهيه بادشاهه جو خاندان اڄ به پنهنجي ملڪ لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي سنڌ جو عوام سندن ساٿ ڏئي. جي ڊي اي قيادت جو سنڌو درياءَ مان نڪرندڙ ڪئنالن خلاف چٽو ۽ واضع موقف آهي. سنڌو درياءَ مان 6 ڪئنال ڪڍڻ، ارسا ايڪٽ ۾ ترميم ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ جهڙا منصوبا غير قانوني ۽ سنڌ دشمن آهن هن چيو ته سنڌو درياءُ اسان جي زندگي آهي جنهن تي ڌاڙو اسان ڪڏهن به قبول نه ڪنداسين. سنڌ جو عوام 6 ڪئنالن کي رد ڪري چُڪو آهي سنڌ کي 1971 واري معاهدي تحت پهريان ئي پنهنجي حصي جو پاڻي نه ٿو ڏنو وڃي مٿان وري هي پاڻي جو ڍڪ به کسن ٿا. هن چيو ته ڪئنال نڪرڻ کان پوءِ سنڌ جون زمينون بنجر ٿي وينديون ۽ هاري آبادگار پورهيت معاشي بدحالي جو شڪار ٿي ويندا ۽ خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندا. هن چيو ته سنڌو جي تحفظ لاءِ ساهه جي آخري گهڙين تائين جدوجهد جاري رکنداسين. ان موقعي تي عبدالجبار تگڙ حاجي عبدالغني قلبوٽو صابر حسين مهيسر ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا 03

واسي آصف چانڊيو کي 4 ڏينهن اڳ گرفتار ڪري گم ڪرڻ خلاف ايس يو پي ڪارڪنن پاران پوليس خلاف مظاهرو، انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو خبر موجب ميهڙ پوليس پاران ڳوٺ ڪڙيو سٻڙ خان واسي نوجوان آصف چانڊيو کي 4 ڏينهن اڳ گرفتار ڪري گم ڪرڻ خلاف ايس يو پي ڪارڪنن ۽ وارثن پاران ايس يو پي جي ضلعي صدر سڪندر سوڍر، حاجي خان مارفاڻي ، وارثن علي حسن چانڊيو، علي مرتضي چانڊيو جي اڳواڻي ۾ ميهڙ ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ انڊس هاءِ وي تي گاهي مهيسر چوڪ وٽ ڌرڻو هنيو، هنن چيو ته 4 ڏينهن اڳ گرفتار ڪري گم ڪيل ڳوٺاڻي نوجوان آصف چانڊيو کي ظاهر ڪيو وڃي نه ته انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هٽبو.

بقايا 04

مولا علي مشڪل ڪُشا عليه السلام جي سلسلي ۾ مرڪزي امام بارگاه سخي ڏاتار کان برآمد ڪيو ويو جيڪو مختلف هنڌن تان ٿيندو مرڪزي امام بارگاه پهتو اڳواڻ سيد ديدار علي شاهه ڏاتاري ڳالهائيندي چيو ته مولا علي مشڪل ڪُشا جن جي شهادت تاريخ اسلام جي عظيم قرباني آهي جن جي شهادت اسلام کي بقا بخشي هن چيو ته مولا علي عليه السلام اها هستي آهي جنهن کي ڏسڻ به ثواب آهي ان موقعي تي پيرينو پوليس پاران سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا هئا جڏهن ته سيد ديدار علي شاهه ڪاظمي نوحه خواني ڪئي آخر ۾ شب شهادت جي عنوان ته مجلس عزا جو پڻ اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ مولانا حافظ صالح محمدشر خطاب ڪندي چيو ته اميرالمؤمنين مولا علي جن جي ولادت ڪعبة الله ۾ شهادت به الله پاڪ جي گهر ۾ سندن فضيلت جو وڏو مثال آهي آخر ۾ دعا ۽ نياز جو پڻ اهتمام ڪيو ويو

بقايا 05

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ مختلف قوم پرست تنظيمن جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن طرفان قوم پرست سياست کي الوداع ڪندي هٿن ۾ قومي/ڏسو صفحو 3 بقايا 5 پرچم کڻي قومي ڌارا ۾ شموليت اختيار ڪري ڇڏي آهي ان سلسلي ۾ جسمم اڳواڻ زاهد علي بليدي، محمد حسن، ارشد انڙ، عديل ابڙو، هاتم سخي انڙ سميت جسقم، جسم، جساف ۽ ٻين قومپرست تنظيمن سان واسطو رکندڙ 50 کان وڌيڪ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن سان گڏجي لاڙڪاڻو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته قومپرست جماعتن سنڌ جي حقن جو نعرو لڳرائي سنڌ جي سادن ماڻهن خاص طور تي نوجوانن کي پنهنجي ناپاڪ مقصدن توڙي ملڪ دشمن ايجنڊا تي هلي تخريبي ڪاروائين لاءِ استعمال ڪندا آهن هن چيو ته جسمم، جسم، جسقم ۽ جساف جهڙيون تنظيمون سنڌ جي امن پسند ماڻهن کي ڳجهن مقصدن لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن.

بقايا 06

استادن شاگردن ۽ سول سوسائٽيءَ جي نمائندن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي،پرنسپال پروفيسر عرفان ڪلهوڙو چيو ته 23 مارچ پاڪستان جي تاريخ جو اهم ڏهاڙو آهي، جنهن تاريخ تي قرارداد پاڪستان پيش ڪئي وئي، قرارداد پاڪستان جنهن جي بنياد تي برصغير جي مسلمانن پنهنجي لاءِ الڳ وطن جي گهر ڪئي ۽ جهدوجهد جو آغاز ڪيو ۽ آخرڪار ست سالن جي مسلسل ڪوششن ۽ قربانين سان پنهنجي مطالبي کي مڃرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ۽ دنيا جي نقشي تي پاڪستان الڳ ۽ آزاد وطن طور ظاهر ٿيو

پروفيسر سيد حب علي شاهه چيو ته پاڪستان جي ترقي ۽ استحڪام جمهوريت ۾ لڪيل آهي. قرارداد پاڪستان مسلمانن کي نه صرف متحد ڪيو پر الڳ وطن لاءِ هڪ پليٽ فارم تي گڏ ٿيڻ جو موقعو پڻ فراهم ڪيو.

بقايا 07

اختر ميمڻ، امداد ميمڻ، اسلم سومرو، وفا چندن لاشاري، خالد ڀٽو نواز سومرو جاويد ميمڻ، امتياز آڪاش ميمڻ، ممتاز مولائي سوڍو ۽ ٻين طرفان سجاول شهر جي قديمي پبلڪ لائبريري جي مين دروازي وٽ قبضا مافيا پاران ڪيل قبضي ۽ لائبريري انچارج زاهد عزيز ميندرو کي ملندڙ ڌمڪين خلاف احتجاج ڪندي چيو آهي ته سجاول جي واحد لائبريري جي مين دروازي وٽ شرپسندن طرفان ڪيل قبضي بعد لائبريري جي گيٽ آڏو گندگي جا ڍير لڳل آهن، جنهن سبب علم ۽ ادب سان چاهه رکندڙ بزرگ نوجوان شاگرد ۽ شاگرياڻين صحافين، ادبي دوستن ۽ سياسي دوستن کي ڪتابن ۽ اخبارون پڙهڻ ۾ مسئلا درپيش اچڻ لڳا آهن. ڏڙوجي اهل قلم ڏٺين، سياسي سماجي مذهبي اڳواڻن ۽ شاگردن ڊپٽي ڪمشنر سجاول ۽ ايس ايس پي سجاول کان مطالبو ڪيو آهي، ته جلد کان جلد نوٽس وٺي پبلڪ لائبريري تان قبضا ختم ڪرايا وڃن

بقايا 08

چيئرمين شاهه رخ انور سيال طرفان شهر جي الله آباد پاڙي ۾ قائم جامع مسجد ۽ امام بارگاه علي نقي عليه اسلام ۾ الڳ الڳ سولر سسٽم جو افتتاح ڪري دعا خير گهري وئي، جڏهن ته افتتاحي تقريب ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ غلام رسول لغاري، هارون هليو، مهراڻ انصاري، علي رضا سومرو، ابراهيم بروهي ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي دڙي ٽائون جي چيئرمين شاهه رخ انور سيال چيو ته پي پي پي قيادت جي خاص هدايتن تي عمل ڪندي شهري سهولتن کي بهتر بڻائڻ لاءِ مسلسل ڪوششون جاري آهن.

بقايا 09

رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي ۽ سٽي ڊسٽرڪٽ طرفان يوم پاڪستان جي موقعي تي شهر جي بيگم نصرت ڀٽو ميموريل هال ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ايم پي اي لاڙڪاڻو جميل احمد سومرو، پ پ پ ضلعي صدر ايم اين اي خورشيد جوڻيجو جنرل سيڪريٽري ۽ ضلعي ڪائونسل جي چيئرمين اعجاز احمد لغاري، سٽي ڊسٽرڪٽ جي صدر خير محمد شيخ، دڙي ٽائون جي چيئرمين شاهه رخ انور سيال، غلام رسول لغاري، منير احمد سومرو، سرفراز ڪوڪر، صفدر مناٿي، پي پي پي سپاف ضلعي لاڙڪاڻي جي صدر عبدالرحمان موريو محمد صديق ڪوريجو، عمران شيخ، عبدالغني جتوئي سميت ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 10

سنڌ آررو واٽر پلانٽ آپريٽر ايسوسيئشن جون سال 2025 کان 2027 لاءِ چونڊون ٿي گذريون جنهن ۾ مختلف ضلعن گهوٽڪي خيرپور مٽياري جيڪب آباد ڪشمور قمبر شهدادڪوٽ دادو ڄامشورو ٽنڊو محمد خان نوشهروفيروز حيدرآباد سميت سنڌ جي 18 ضلعن جي عهديدارن توڙي ورڪرن شرڪت ڪئي ان موقعي تي قاري خير محمد راڄپر کي بنا مقابلي صوبائي سنڌ جو صدر چونڊيو ويو کيس آر او واٽر پلانٽ آپريٽر ايسوسيئشن پاران گلن جا هار پارايا ويا جڏهن ته قاري خير محمد راڄپر جي نگراني ۾ سنڌ جي مختلف ضلعن مان صوبائي باڊي جي عهديدارن جي چونڊ پڻ ڪئي جنهن ۾ متفق راءِ سان سينئر نائب صدر لاءِ خان محمد راهو مٽياري نائب صدر بادل هاليپوٽو حيدرآباد جنرل سيڪريٽري رجب علي سومرو شهيد بينظير آباد جوائنٽ سيڪريٽري حافظ راشد سومرو جيڪب آباد فنانس سيڪريٽري قاري محمد علي ٽنڊو محمد خان پريس سيڪريٽري نذام حسين ڪوسو دادو انفارميشن سيڪريٽري نادر علي دايو قمبر شهدادڪوٽ آفيس سيڪريٽري منصور سمون نوشهروفيروز جڏهن ته اسد علي ڪيريو ٽنڊوالهيار امير علي گاڏنچو ڄامشورو عقيل احمد لاڙڪاڻو مان ميمبر چونڊيا ويا ان موقعي تي صوبائي صدر قاري خير محمد راڄپر چيو ته پهرين مرحلي ۾ صوبائي ڪميٽي جا اڳواڻ چونڊيا ويا آهن هن وڌيڪ چيو ته آررو پلانٽ آپريٽرز سان ڪا به زيادتي برداشت نه ڪنداسين ڪين اڪيلو نه ڇڏيو ويندو اسان متحد آهيون ورڪرن جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪنداسين

بقايا 11

جي حوالي سان ميهڙ ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ميهڙ غلام فاطمه گهلو، ڊي ايس پي پوليس ميهڙ منير احمد قلبوٽو، ڊي ايس پي موٽروي طارق عباسي، مختيارڪار ميهڙ محمد اسلم مگسي، اسسٽنٽ مختيارڪار ميهڙ بشير احمد ڏهر، اسسٽنٽ مختيارڪار يوٽي آصف قادر ٽنيو تعلقه ايجوڪيشن آفيسر ضمير حسين گورڙ پ ٽ الف تعلقه ميهڙ جي صدر اعجاز احمد چانڊيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ روينيو آفيس ميهڙ کان ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ شامل ماڻهن هٿن ۾ بينر ۽ پاڪستاني پرچم کڻي پاڪستان زند آباد جا نعره هنيا ويا ان موقعي تي ريلي کي خطاب ڪندي ۽ ميهڙ پريس ڪلب جي صحافين سان اسسٽنٽ ڪمشنر ميهڙ غلام فاطمه گهلو ڳالهائيندي چيو ته اڄوڪو ڏينهن تاريخ جو اهم ڏينهن آهي اڄ جي ڏينهن تي پيش ڪيل قرارداد جي بنياد تي پاڪستان ٺهيو هي ڏينهن ملڪ جي بنياد وجهندڙ ڏينهن آهي يوم پاڪستان تي پيش ڪيل قرارداد عيوض قائداعظم محمد علي جناح ۽ ٻين جي اڻٿڪ محنتن جدوجهد قربانين عيوض ملڪ عطا ٿيو هن چيو اڄ جو ڏينهن عهد ڪرڻ جو ڏينهن آهي ته اسان ملڪ جي سلامتي ، بقا ، ۽ خوشحالي لاءِ هر ممڪن قدم کڻنداسين

بقايا 12

ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ملير تائين گهوٽڪي ۾ شر برادري جي گهرن تي پوليس چڙهائين خلاف ريلي ڪڍي وئي، ريلي ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ملير پهچڻ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، ان موقعي تي ريلي ۾ شريڪ اڳواڻن صدر ملير بار ايڊووڪيٽ ارشاد علي شر، علي جتوئي، اڪرم سوڍر، ديدار علي جتوئي، نياز جتوئي، احمد سوڍر، پرويز چانڊيو، ذيشان آرائين ۽ ٻين مظاهري کي خطاب ڪندي چيو ته اسان پرامن احتجاج ذريعي اهو چوڻ چاهيون ٿا ته گهوٽڪي ۾ جام مهتاب ڏهر وارو واقعي ۾ فوت ٿيل ظفر ڏهر سميت مقتولن سان انصاف ٿيڻ گهرجي گڏوگڏ گهوٽڪي ۾ شر برادري جي گهرن تي پوليس پاران چڙهايون ڪري چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائمال بند ٿيڻ گهرجي، هن چيو ته اهڙي ڪاررواين سان گهوٽڪي جو امن امان وڌيڪ خراب ٿيندو جديد دور آهي ايماندار آفيسرن تي ٻڌل جاچ ٿيڻ گهرجي ته حقيقتون سامهون اچي وينديون، هنن چيو ته شهريار شر کي سياسي منظرعام تان هٽائڻ لاءِ هٽ نوڪيا پلان ناهيا پيا وڃن سندس پٽ خلاف ڪوڙي واويلا ڪئي پئي وڃي هڪ ٿي ڪيس جون ڪيترئون ٿي ايف آءِ آرون داخل ڪيون ويون آهن جيڪي ڪوڙ تي مبني آهن، هنن وڏي وزير مراد علي شاهه، وزير داخلا سنڌ، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي گهوٽڪي کان مطالبو ڪيو ته شر برادري خلاف پوليس پاران ڪيل بلاجواز ڪاررواين مان ثابت ٿئي ٿو ته پوليس غيرجانبداري جو رول ادا نه پئي ڪري جنهن جو نوٽيس ورتو وڃي ۽ شفاف جاچ ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 13

پريس ڪلب سعيدآباد جي اڳيان جلسي عام ڪيو ويو ريلي ۾ قومپرست ڪارڪنن سميت مذهبي جماعتن جي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جلسي کي خطاب ڪندي قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي چيو ته بلاول ڀٽو، آصف، بختاور ۽ مراد علي شاهه تاريخ جي درست پاسي اچي بيهڻ، ڪئنال ٺهيا ته سنڌ ڪربلا جو ميدان هوندي ماڻهو هڪ ڍڪ لاءِ ترپندا ٽن صوبن کي ريگستان بڻائي هڪ صوبي کي سرسبز بڻائڻ ڪٿي جو انصاف آهي؟ ملڪ رواداري، برابري ۽ انصاف تي هلن ٿا، نه ڪي تعصب ۽استحصال تي، هن وقت سنڌ ۾ پاڻي جي کوٽ 55 سيڪڙو آهي 1991ع جي معاهدي موجب 117 ايم اي ايف پاڻي موجود نه آهي جڏهن پاڻي موجود ئي نه آهي اياز لطيف پليجي چيو ته نوان ڪئنالن لاءِ پاڻي ڪٿان ايندو؟ ڪينال هر ان ماڻهوءَ جو مسئلو آهي جيڪو سنڌ ۾ رهي ٿو جنهن وٽ ڀلي هڪ جريب زمين به نه هجي، حڪمرانن کي مڃي آهي اهي سمجهن ٿا ته سنڌي سندن کيسي ۾ پيل آهن انهن جو دماغ خراب آهي سنڌي غلام نه آهن هو پنهنجي سنڌ جو پاڻي وڪڻڻ نه ڏيندا اياز لطيف پليجي چيو ته هنن بدي ۽ ڊيوٽ جي سڱاوتي ڪئي آهي، هي وقت مايوس ٿيڻ، ٿڪجڻ، روئڻ، بهانا ڪرڻ، ڳوڙها ڳاڙڻ ۽ گهرويهڻ جو ناهي، هي وقت ڳاٽ اوچو ڪري، جهرجهنگ سڄاڳ ڪرڻ ۽ گهٽي گهٽي ۾ مزاحمت ڪرڻ جو آهي. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ بک، بدامني ۽ غربت ۾ گهيريل آهي نوان ڪينال ناهڻ سنڌ جو مستقبل داءَ تي لڳائڻ آهي. سنڌو درياهه جو رستو بند ڪري ملڪ جي وحدت سان نه کيڏيو وڃي، اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ جي نوجوانن لاءِ ميرٽ ۽ روزگار جا رستا بند آهن وفاق، پارليامينٽ ۽ عدليه سنڌ جي عوام جون شڪايتون نه ٻڌي رهي آهي، چشما ۽ ٽونسه واهن کي مسلسل وهائڻ ۽ نوان ڪينال ناهڻ غير آئيني عمل آهي. سنڌ جي هاري ۽ مزدور کي ٻن وقتن ماني لاءِ محتاج بڻايو ويو آهي. اياز لطيف پليجي چيو ته وفاقي سيڪريٽريٽ ۽ ڪارپوريٽ سيڪٽر ۾ سنڌ جي ڪا به نمائندگي ناهي سنڌ جي ملازمن سان وفاقي کاتن ۾ امتيازي سلوڪ ڪيو پيو وڃي وفاق سمجهي ته سنڌ جي عوام جي صبر جو پيمانو ختم ٿي رهيو آهي، دير نه ٿي وڃي سياسي پارٽين جي مفادن جي جنگ ۾ پاڪستاني عوام نشانو بڻجي رهيو آهي وفاق، پارليامينٽ ۽ عدليه سنڌ جي عوام جون شڪايتون چونه ٻڌي رهيون آهن؟اياز لطيف پليجي چيو ته زرداري شهباز نوان ڪئنال ناهي سنڌ جي مستقبل کي داءَ تي لڳائي سنڌي تهذيب کي ختم ڪرڻ چاهين ٿا، سنڌو درياءَ جو رستو روڪي پاڪستان جي يڪجهتي امن امان جمهوريت سان نه کيڏيو وڃي سنڌو درياءَ مان نوان ڪئنال جي تعمير پاڪستان جي بقاءَ لاءِ خطرناڪ سازشون آهن. سنڌ پاڪستان ۾ آئين ۽ قانون جي بالادستي ۽ حقيقي جمهوريت چاهي ٿي، سنڌ کي ٻڌايو وڃي ته سنڌ جو قصور ڪهڙو آهي جو سنڌ جو پاڻي بند ڪري درياءَ سنڌ مان ڪئنال ڪڍيا پيا وڃن. سنڌ کي پٽ سان لڳايو پيو وڃي. سنڌ جي تهذيب ۽ قومي سڃاڻپ درياءَ کسيو پيو وڃي، اياز لطيف پليجي چيو ته چئني صوبن کي سلامت رکڻ جو اهم ذريعو آئين عدليه ۽ درياءَ سنڌ آهي بندر گاهه، گيس ڪوئلو ۽ تيل ڏيڻ واري سنڌ کان پاڻي ۽ وسيلا نه چنو پاڪستان جي عوام جي حقيقي نمائندگي ڪرڻ واريون اسيمبليون موجود ناهي اسيمبليون چورن ڌاڙيلن ڦورن جي حوالي آهن سنڌ جي هاري ناري مزدور کي ماني لاءِ محتاج بڻايو ويو آهي، پيپلزپارٽي ۽ زرداري سنڌ کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي، سنڌ جا غريب سڌڪويل ڏڪويل ماريل هيسيل ماڻهو اڄ به پٿر واري دور جي ماڻهن جيان جيئڻ تي مجبور آهن. زرداري، شهباز شريف پنهنجي عارضي مفادن جي لاءِ فيڊريشن کي نقصان پهچائڻ بند ڪن

بقايا 14

خوارج دهشتگردي جي ڪوشش ڪئي جنهن کي سيڪيورٽي فورسز وقت تي ڪارروائي ڪندي ناڪام بنائي ڇڏيو آءِ ايس پي آر چيو آهي ته 22 ۽ 23 مارچ جي رات خوارج پاڪ افغانستان سرحد تي دهشتگردي جي ڪوشش ڪئي جنهن دوران فائرنگ جي ڏي وٺ کان پوءِ سمورا 16 خوارج دهشتگرد مارجي ويا. آءِ ايس پي آر چيو آهي ته پاڪستان مسلسل افغان عبوري حڪومت کان موثر بارڊر مينجمينٽ جو مطالبو ڪري رهيو آهي، اميد آهي ته افغان عبوري حڪومت پنهنجون ذميواريون پوريون ڪندي، اميد آهي ته افغان عبوري حڪومت دهشتگردن کي افغان زمين جي استعمال کان روڪيندي. آءِ ايس پي آر چيو آهي ته سيڪيورٽي فورسز ملڪ جي سرحدن جي تحفظ ۽ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ پرعزم آهي. وزيراعظم شهباز شريف دهشتگردن جي در آندازي جي ڪوشش ناڪام بنائڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي. وزيراعظم چيو آهي ته دهشتگردن جي ناپاڪ ارادن کي ڪڏهن به ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين. سموري قوم پنهنجي بهادر فوج پاڪستان سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل آهي.

بقايا 15

جي تحت پيڪيج تيار ڪيو پيو وڃي جنهن جو اعلان جلد ڪيو ويندو. هن چيو ته پاور سيڪٽر ۾ اصلاحات جي بدولت عوام کي بجلي جي قيمتن ۾ وڌيڪ رليف فراهم ڪنداسين. شهباز شريف جو اجلاس ۾ چوڻ هو ته قابل تجديد توانائي کي هٿي ڏيڻ حڪومت جي ترجيح آهي. شمسي توانائي بابت حڪومت جي پاليسي ۽ ترجيحات ۾ ڪا به تبديلي ناهي آئي. انهي کان علاوه اجلاس ۾ وزيراعظم اختيارين کي سولر آئريشن پاليسي بابت عوام ۾ موجود هوندڙ وسوسن کي حقيقتن ۽ انگ اکر جي بنياد تي ختم ڪرڻ ۽ بجلي ورهاست ڪندڙ ڪمپنين جي نجڪاري جو عمل تيز کان تيز ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي.

بقايا 16

گهرن ۾ ڌماڪن سبب ڏار پوڻ لڳا تفصيل موجب نئي ويجهو جابلو ٽڪري تي ڳوٺ حاجي رمضان هيجب ۽ ڳوٺ عثمان جاکرو جي لڳولڳ بااثر ڌرين پاران 3 وڏا قائم ڪيل ڪرش پلانٽ مقامي آبادي لاءِ خطري جو سبب بڻجي ويا ٽنهي ڪرش پلانٽن ۽ اتي قائم هڪ ڏامر پلانٽ جي دونهين دز سبب علائقي جي آبادي سخت متاثر ٿيڻ لڳي معصوم ٻارڙا عورتون توڙي ڳوٺاڻا ٽي بي ۽ چمڙي سميت اکين جي بيمارين ۾ مبتلا ٿيڻ لڳا ڪرش پلانٽن لاءِ پٿر ڪڍڻ خاطر ڪيميائي مادي ذريعي ڌماڪن سبب علائقي ۾ خوف هراس واري صورتحال سان گڏوگڏ ڌماڪن جي نتيجن ۾ مذڪوره ٻنهي ڳوٺن سميت آس پاس جي ڪيترن ئي ڳوٺن جي گهرن جي ديوارن ۽ ڇتين ۾ ڏار پوڻ لڳا گهر سخت متاثر ٿيڻ لڳا مقامي ڳوٺاڻن جي مسلسل شڪايتن ۽ احتجاجن باوجود ماحوليات کاتي سميت حڪومتي اختيارين نوٽيس نه ورتو مقامي آبادي تيزي سان متاثر ٿيڻ لڳي متاثر ڳوٺاڻن مطالبو ڪندي چيو آهي ته شڪايتن باوجود ڪرش پلانٽن جي انتظاميه خلاف ڪاروائي نٿي ٿئي بااثر مالڪ ماحوليات کاتي جي قانوني لٽاڙ ڪندي ڳوٺاڻي آبادي جي پرسان ڪرش پلانٽ قائم ڪري اسانجي زندگي زهر بڻائي ڇڏي آهي فوري نوٽيس وٺي وڌيڪ نقصان کان بچايو وڃي

بقايا 17

پوليس خلاف احتجاج ڪندي غلام صغران،اقبال خاتون،طالب سرگاڻي ۽ خالد سرگاڻي چيو ته منهنجي گهر واري بابران سرگاڻي ٻن نياڻين سان سيوهڻ ميلي تان گم ٿي ويئي آهي ان مان مسڪين مزدور ماڻهون آهيان سيوهڻ تي ماڻهن جي مالش ڪري پيٽ گذر ڪندو آهيان خدارا مون کي پنهنجي گهري واري موٽائي ڏني وڃي گم ٿي ويل بابران جي امڙ غلام صغران روئندي چيو ته منهنجي ڌي کي ڪو اغوا ڪري ويو آهي سيوهڻ پوليس اسان جي مدد ڪري هڪ مهينو گذري وڃڻ باوجود هن مهل تائين ڪو ڏس پتو نٿو پوي طالب ۽ خالد سرگاڻي ،اقبال خاتون چيو ته هن قرآن پاڪ جي واسطي جنهن کي به ڪا ڄاڻ هجي ته اسان کي اطلاع ڏيندا هنن وس وارن ۽ اعلي ادران کان اپيل ڪندي چيو ته اسان سان انصاف ڪندي گم ٿي ويل بابران سرگاڻي واپس ڪرائي ڏني وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 18

خلاف سڀاڻي سڄي سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرا ڪري ريليون ڪڍيون وينديون ان ڏس ۾ مرڪزي ڪئنال مخالف مارچ اڄ منجهند 2 وڳي مڪلي پارڪ کان نڪري ٺٽي تائين ڪيو ويندو ان ڏس ۾ مڪلي تي مراد علي شاهه پاڏائي هائوس تي ميڊيا سان ڳالهائيندي جيئي سنڌ محاذ جي وائيس چيئرمين نواز شاهه پاڏائي چيو ته سنڌو ۾ پاڻي جي پهريان ئي شديد کوٽ آهي ڪوٽڙي کان هيٺ ضرورت مطابق پاڻي نه اچڻ ڪري ڊيلٽائي خطو برباد ٿي ويو آهي ڪچي جي 30 لک ايڪڙ زمين ڪلراٺي ٿي وئي 8 لک ايڪڙن تي بيٺل ٻيلو ختم ٿي ويو دنيا درياهن کي انساني حق پئي ڏئي هن ملڪ ۾ درياهن جا رخ موڙيا پيا وڃن 6 نوان ڪئنال ڇا اجتماعي قبرون آهن جن ۾ سنڌ واسين کي دفن ڪرڻ چاهين ٿا پ پ جو ڪئنالن تي احتجاج ڊونگ آهي صدر زرداري چاهي ته اڄ به نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڪئنال رد ڪري سگهي ٿو عالمي ماحولياتي ادارا سنڌو درياهه جي بربادي تي ماٺ آهن جنهن تي حيرت آهي سنڌو درياهه جيڪا لٽ آڻيندو هو ۽ مٺو پاڻي اهو سمنڊ کي وڌڻ کان روڪيندو هو هاڻ سمنڊ هر مهيني ساحل جي 150 ايڪڙ زمين کائي رهيو آهي ان جو ذميوار پنجاب آهي نواز شاهه پاڏائي چيو ته سڀاڻي سنڌو تي ڌاڙي نون ڪئنالن ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ جي خلاف جيئي سنڌ محاذ پاران سڄي سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا مرڪزي ريلي مڪلي کان نڪري ٺٽي تائين نڪرندي ان ڏس ۾ سڀني سياسي مذهبي علمي ۽ ادبي ڌرين کي دعوت ڏني وئي آهي

بقايا 19

نون ڪئنالن ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي لکين ايڪڙ زمين وفاق حوالي ڪرڻ خلاف عوامي تحريڪ ميرپور ساڪرو پاران ساڪرو شهر ۾ شاندار ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن، ساڪري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، احتجاجي مظاهري ۾ "ڪئنال سمورا نامنظور — سنڌو تي ڌاڙو نامنظور" جا زوردار نعرا هنيا ويا. ريلي جي اڳواڻي عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽو جي صدر رزاق چانڊيو تعلقي صدر نارو خان شيخ، هاري تحريڪ اڳواڻ دريا خان زئنور، سنڌي هاري تحريڪ ضلعي ٺٽي جي صدر بلاول لاشاري، مظهر لاشاري، ادريس پليجو، ضلعي اڳواڻ رياض عباسي، ايوب انڙ، سنڌي شاگرد تحريڪ ضلعي اڳواڻ مجاهد بلوچ، عبدالله چانڊيو، سجاڳ ٻار تحريڪ ضلعي اڳواڻ فاضل بلاول لاشاري، عوامي تحريڪ ڪيٽي بندر جي صدر اسلم سمون، تعلقي گهوڙاباڙي جي صدر الله بخش بلوچ، لال چند مائسري، اقبال لاشاري، جبار لاشاري، نياز لاشاري، نياز خشڪ، سنڌي شاگرد تحريڪ ساڪري جو صدر نويد لاشاري، ينگ سوشل نيٽورڪ جي اڳواڻ رزاق ڪلمتي، سماجي اڳواڻ ڪي بي لاشار، عبدالغني عباسي، ڏٿي بخش لاشاري ۽ ٻين ڪئي. ريلي مين ساڪرو پوليس چوڪي کان نڪتي شاهه لطيف چوڪ کان مين بس اسٽاپ تي پهتي، جتي مظاهرين ڌرڻو هڻي پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرايو احتجاجي مظاهري دوران اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ حڪومت ۽ وفاقي حڪومت سازشي پاليسين ذريعي سنڌ جي ماڻهن کي ڪنگال ڪرڻ جي رٿابندي ڪري رهي آهي. اڳواڻن واضح ڪيو ته سنڌو درياهه سنڌ جي ماڻهن لاءِ زندگيءَ جي علامت آهي، ان تي ڪڏهن به سوديبازي نه ڪئي ويندي. هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن وفاق ۽ سنڌ حڪومت پنهنجي عوام دشمن پاليسين تان هٽ نه ڪئي ته سنڌ جا ماڻهو وڌيڪ سخت احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندا عوام هنن کي ان لاءِ اسيمبلي ۾ موڪليو هو ته هو عوام جي حقن جي ڳالهه ڪندا پر هتي ته هئي سنڌي ماڻهن جي ساهه جي رڳ سنڌو درياهه کسڻ جي ڳالهه پيا ڪن جيڪا سنڌي ماڻهو ڪي ڪڏهن به قبول ناهي

بقايا 20

سمورو سامان سڙي خاڪ جو ڍير بڻجي ويو متاثر گهر ڀاتي واجد علي سولنگي جو چوڻ هئو ته بجلي جي مسلسل جهٽڪن سبب شاٽ سرڪٽ کي باهه لڳي جنهن سبب باهه پوري گهر کي وڪوڙي ورتو آهي گهر اندر پيل سونا زيور، هنڌ، بسترا، کٽون هنڌ، رليون، سلائي مشين سميت الله تله سڙي رک ٿي ويو آهي گهر اندر کائڻ پيئڻ لاءِ پڻ ڪجهه ناهي بچيو متاثر گهر ڀاتي واجد علي سولنگي پاران سرندي وارن کي مدد جي اپيل ڪئي وئي آهي

بقايا 21

۾ زخمن جا سور نه سهندي فوت لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي تفصيل موجب شاهه حسين ٿاڻي جي حد ڳوٺ ساجن خان رند لڳ وڏيرو گدا حسين رند جو پاٽيئو 17 سالا نوجوان عبدالحسين رند ولد شفيع محمد رند گذريل رات دير سان گهر اڳيان ويٺل هيو نامعلوم هٿيار بندن مٿان فائرنگ ڪئي رات جي اونداهيءَ جو فائدو وٺي آساني سان فرار ٿي ويا گولين لڳڻ سبب نوجوان سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي نازڪ حالت ۾ سول اسپتال جي آئي سي يو وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو. زخمي نوجوان زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو مقتول نوجوان جو لاش پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو نوجوان جو لاش ڳوٺ پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو مرحوم جي جنازي نماز ۾ عزيزن علائقي واسين سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي بعد ۾ ميت کي سوين آلين اکين سان اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نٿي سگهيو جڏهن ته وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي.

بقايا 22

مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ان موقعي تي ڳوٺاڻن غلام محي الدين سومرو محمد سومرو پوڙهو سومرو عمر سنڌي سجاد سومرو مبين سومرو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي لاڙ وارن علائقن خاص ڪري بدين ۾ پاڻي جي اڳ ۾ ئي کوٽ آهي فصل وقت تي پاڻي جي کوٽ سبب فصل نه ٿا ٿين وري مٿان وفاقي حڪومت زرداري جي مدد سان سنڌو درياءَ مان غيرقانوني ڪئنال ڪڍي غير آباد چولستان کي آباد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي هنن چيو ته هن وقت بدين جي سامونڊي پٽي ۾ ماڻهو پيئڻ جي پاڻي لاءِ پريشان آهن ڪئنال ڪڍڻ رڳو بدين ضلعي سان نه پر سموري سنڌ سان زيادتي ٿي رهي آهي ڪئنال نڪرڻ سان سنڌ تباهه ٿي ويندي آهي تنهن ڪري وفاقي حڪومت کي فوري طور هي منصوبو ختم ڪرڻ گهرجي هنن چيو ته جيڪڏهن وفاق پنهنجي هوڏ تي قائم رهيو ته پوءِ دمادم مست قلندر ٿيندو هن وقت تحريڪ جي شروعات آهي عيد کان پوءِ اهڙي تحريڪ هلائينداسين جو وفاق به نه رهندو هنن چيو ته عيد کان پوءِ پنجاب جا رستا بند ڪري ڌرڻا هنيا ويندا جهڙي طرح ڪالاباغ ڊيم وارو منصوبو رد ٿيو اهڙي طرح ڪئنالن کي به سدائين لاءِ دفن ڪرائينداسين

بقايا 23

عزا جو اهتمام ڪيو ويو جنهن کي خطاب ڪندي مولانا وقار حيدر چيو ته مولا علي عليه السلام انسانيت جو رهبر آهي هو سيکاري ٿو ته انسان کي مجبور نه بلڪه اختيار ڏئي موڪليو ويو آهي ته الله جي عبادت ڪريو ۽ عبادت بابت توهان کان پڇاڻو ٿيندو رمضان المبارڪ جون عبادت واريون راتيون خدا طرف متوجه ٿيڻ جو درس ڏين ٿيون اڄ شب قدر ۾ الله سائين قرآن مجيد سميت سمورن آسماني ڪتابن جو نزول فرمايو ۽ گنهگار انسان لاءِ معافيءَ جو در کوليو ته جيئن سندس نجات ٿي سگهي مجلس عزا بعد افطاريءَ جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ علائقي جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن محمد يوسف حسيني عرفان علي چنه اعجاز ممنائي عرفان ميمڻ ۽ ٻين ڪامياب افطار پارٽي منعقد ڪرڻ تي سڀني جو شڪريو ادا ڪيو

بقايا 24

مارٽم لاءِ شهدادپور جي سمس اسپتال آندو ويو، نياڻي جي خون سان انصاف ڪيو وڃي، پي، شهدادپور پرسان ملدسي ٿاڻي جي حد جي علائقي ڳوٺ شاهه بيگ بروهي ۾ مبينا ٻن ٻارن جي ماءُ فرزانا بروهي مڙس هٿان گولي هڻي قتل، جوابدار فرار ٿي ويو، لاش کي پوسٽ مارٽم لاءِ پوليس ڪيس شهدادپور جي سمس اسپتال پهچايو آهي، جتي قتل ٿيل ناري جي پيءُ ميڊيا کي ٻڌايو ته منهنجي نياڻي فرزانا ٻن معصوم ٻارڙن جي ماءُ هيي، جنهن کي سندس مڙس رمضان بروهي ۽ هڪ سهولتڪار ڪيس منهنجي گهر ۾ گهڙي فاير ڪري ڪيس قتل ڪري فرار ٿي ويا آهن، هن وڌيڪ چيو نائي رمضان بروهي بلوچستان جو رهواسي آهي جيڪو رات دير سان ڳوٺ اندر داخل ٿي منهنجي نياڻي فرزانا کي ماري ويو آهي، هن پوليس اختيارين کان انصاف جو مطالبو ڪيو آهي، ٻي پاسي پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي جي گهڻ رخي جاچ جاري آهي ناري جي قتل ۾ ملوث مڙس ۽ سندس سهولتڪار کي گرفتار ڪيو ويندو، هوڏانهن پوليس واقعي جي رپورٽ درج ڪرڻ بعد وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي، ٻي پاسي ناري جو مڙهه گهر پهچڻ تي وارثن ۾ ڪهرام متل هو،

بقايا 25

ڪهرام مچي ويو. ڪڪڙ باءِ پاس انڊس هاءِ وي روڊ وٽ رستو پارڪندڙ ڪڪڙ واسي 7سالا معصوم نينگر رضوان،عرف بادشاهه ولد روشن شاهه کي ڪار زوردار ٽڪر هڻي زخمي ڪري ڇڏيو جتي ڪار سوار ڊرائيور طرفان پاڻ مرادو ڳڻتي جوڳي حالت ۾ زخمي ٿيل نينگر کي دادو اسپتال پهچايو بعد ۾ ڪين حيدرآباد علاج لاءِ کڻي وڃي رهيا هئا ته معصوم نينگر رستي ۾ ئي زخمن جا تاب نه سهندي فوت ٿي ويو فوتي نينگر جو لاش واپس ڪڪڙ گهر پهچڻ تي ڪهرام ۽ روڄ راڙو مچي ويو حادثي دوران واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي

بقايا 26

ورهين جي نوجوان محمد حسن پٽ عارب شر کي گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو اهڙو اطلاع ملڻ تي ڊينگاڻ پرگڙي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي نوجوان جي مڙهه کي تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ تعلقي اسپتال آندو جتي مقتول جي وارثن ميڊيا کي ٻڌايو ته اسان جو امداد شر وارن سان پراڻي تڪرار تان جهيڙو هلندڙ هو جيڪي هٿيارن سميت گهر ۾ داخل ٿي ڪري نوجوان محمد حسن شر کي گوليون هڻي قتل ڪري فرار ٿي ويا. پوليس فوت ٿيل محمد حسن شر جو لاش پوسٽ مارٽم کان پوءِ وارثن حوالي ڪيو. لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ٻئي پاسي پوليس موجب واقعي جي جاچ جاري آهي.

بقايا 27

ويو اطلاع تي گڇيرو ٿاڻي جي پوليس حادثي واري جاءِ تي پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي مورو تعلقه اسپتال ۾ آندو جتي قانوني ڪاروائي پوري ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو سندس وارث لاش کڻائي اباڻي ڳوٺ روانا ٿي ويا جڏهن ته پوليس ٽرڪ کي پڻ تحويل ۾ ورتو اهڙي حادثي جي رپورٽ گڇيرو ٿاڻي تي داخل ڪئي وئي آهي

بقايا 28

پاڪستان ٽاس کٽي پهريان فيلڊنگ جو فيصلو ڪيو جيڪو شاهينن لاءِ فائديمند ثابت نه ٿيو. نيوزيلينڊ پهريان کيڏندي پاڪستان بالرز جون متيون منجهائي ڇڏيون، ميزبان ٽيم پهريان بيٽنگ ڪندي مقرر 20 اوورز ۾ 6 وڪيٽن جي نقصان تي 220 رنسون ناهيون، نيوزيلينڊ طرفان فن ايلن 50 رنسون ناهي ٽاپ اسڪورر رهيو. ٽم سائفرٽ 44، مارڪ چمپسن 24 ۽ ڊيرل مچل 29 رنسون ناهيون. اهڙي طرح جمي نيشم ۽ مچل هاءِ 3، 3 رنسون ناهي پويلين موٽي ويا، جڏهن ته مائيڪل بريسويل 46 ۽ ذاڪري فاڪس 3 رنسون ناهي ناٽ آئوٽ رهيا. پاڪستان طرفان حارث رئوف 3، ابرار احمد ۽ عباس آفريدي هڪ رانديگر کي آئوٽ ڪيو جڏهن ته شاهين آفريدي ڪا به وڪيٽ نه وٺي سگهيو. شاهين آفريدي ۽ شاداب خان ڪا به وڪيٽ وٺڻ کان سواءِ 49_49 رنسن جي عيوض مهانگا ترين بالر ثابت ٿيا. حدف حاصل ڪرڻ لاءِ راند شروع ٿيندي ئي پاڪستاني ٽيم (ٽون هل مان اچان ٿو) جو عملي نمونو بڻجي وئي پاڪستان جا 9 رانديگر ڊبل فگر ۾ به داخل نه ٿي سگهيا صرف عبدالصمد 44 ۽ عرفان خان 24 رنسون ناهيون اوپنر محمد حارث 2، حسن نواز، ڪپتان سلمان آغا عباس آفريدي ۽ شاداب خان هڪ، هڪ رنس ناهي واپس روانا ٿيا، جڏهن ته خوشدل شاهه ۽ حارث رئوف 6_6، ابرار احمد هڪ رنس ناهي پويلين موٽي ويا. پاڪستان جي سموري ٽيم 18هين اوور ۾ 105 رنسون ناهي آئوٽ ٿي وئي، نيوزيلينڊ پاڪستان کي شڪست ڏئي سيريز پنهنجي نالي ڪري ورتي.

بقايا 29

جاڙا واهوچا، ڏڪ سکن جي سات ست پاران مختلف 12 کان وڌيڪ ڳوٺن جي رهواسين هارين، مزدورن، مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي ڪارڪنن ڳوٺ خدابخش واهوچو کان نصيرآباد تائين 10 ڪلو ميٽر پيادل ڊگهو مارچ ڪيو. مارچ جي اڳواڻي عوامي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري ساجد مهيسر سرتاج چانڊيو ڪامريڊ مصطفيٰ چانڊيو ذوالفقار واهوچو ۽ ٻين ڪئي، پيادل مارچ ۾ جمعيت علماءِ اسلام ،جسقم، شهري اتحاد نصيرآباد ،سنڌ ترقي پسند پارٽي، سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي سميت مختلف تنظيمن جي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ريلي مختلف رستن تان ٿيندي ٽئڪسي اسٽينڊ وٽ پهتي جتي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته سنڌو درياهه مٿان ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي 6 ڪئنال اڏي سنڌ کي بنجر بڻائي اسان کان حياتي کسي پئي وڃي، اسان کي پاڻيءَ کان محروم بڻائي قتل ڪيو ويندو. سنڌو درياهه اسانجو ساهه آهي. سنڌو درياهه مٿان ڪو به ڪئنال قبول نه ڪيو ويندو، بد مست حڪمران هوش کان ڪم وٺن جيڪڏهن هي رٿا رد ڪئي وئي ته سر سبز سنڌ بنجر بڻجي ويندي، هنن مطالبو ڪيو ته 6 تڪراري ڪئنالن کي رد ڪرڻ جو بنا دير اعلان ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ اسان پنجاب ويندڙ رستا بند ڪري ڇڏينداسين

بقايا 30

ٽيسوري گورنر هائوس ۾ منعقد ٿيل سول ايوارڊ تقريب ۾ مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ 12 شخصيتن ۾ سول ايوارڊ ورهايا. نظامت جا فرض چيف سيڪريٽري سنڌ سيد آصف حيدر شاهه سرانجام ڏنا. تقريب ۾ اٽلي، سعودي عرب، ترڪي، عمان، ملائيشيا، جرمني، ويتنام، ايران قطر يو اي اي بنگلاديش جي قونصل جنرل، صوبائي سيڪريٽرين ۽ زندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن پڻ شرڪت ڪئي. سنڌ جي گورنر 7 ماڻهن کي ستاره امتياز، هڪ شخص کي صدارتي تمغو حسن ڪارڪردگي ۽ 4 ماڻهن کي تمغه امتياز سان نوازيو. سنڌ جي گورنر آغا خان يونيورسٽي جي صدر ڊاڪٽر سليمان شهاب الدين، دائود يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر سمرين حسين، ميزان بينڪ جي چيف فنانشل آفيسر سيد عمران علي شاهه، منيزه شمسي، ناظم الدين فيروز، زاهد احمد غارب ۽ حنين حسين لاکاڻي (مرحوم) کي ستاره امتياز سان نوازيو سنڌ جي گورنر امبرين حسيب امبر کي صدارتي ايوارڊ فار ايڪسيلنس پيش ڪيو سنڌ جي گورنر مقصود احمد، جوزف ڪوٽس، ريٽائر ايڊمرل (رٽائرڊ) تنوير احمد ۽ وارث پنجاڻي (مرحوم) کي تمغه امتياز سان نوازيو

بقايا 31

ملي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو ڏينهن جي شروعات وفاقي راڄڌاني ۾ 31 ۽ صوبائي راڄڌانين ۾ 21، 21 توپن جي سلامي سان ٿي. فضا پاڪ فوج جي جوانن جي الله اڪبر ۽ پاڪستان زنده باد جي نعرن سان گونجي اٿيو مسجدن مان ملڪ جي سالميت، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ دعائون گهريون ويون. يوم پاڪستان جي موقعي تي لاهور ۾ علامه اقبال جي مزار تي گارڊز جي تبديلي جي پروقار تقريب منعقد ٿي، پاڪ فضائيه جي دستي گارڊ جا فرض سنڀالي ورتا. تقريب ۾ سول ۽ عسڪري اختيارين به شريڪ ٿيون. جڏهن ته ايئر وائس مارشل اختر عمران سدوزئي مهمان خصوصي هئي، ايئر وائس مارشل اختر عمران سدوزئي پريڊ جو معائنو ڪيو. ايئروفرس ۽ رينجرز جي چاڪ چوبند دستي ڪيس سلامي ڏني. مهمان خصوصي ايئر وائس مارشل اختر عمران سدوزئي مزار اقبال تي گل چاڙهيا ۽ فاتحه خواني ڪئي ۽ مزار اقبال تي مهمانن جي ڪتاب ۾ پنهنجا تاثرات قلمبند ڪيا. ٻئي طرف صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم شهباز شريف تاريخ ڏينهن يوم پاڪستان جي موقعي تي سموري قوم کي مبارڪباد پيش ڪئي آهي. پنهنجي پيغام ۾ صدر آصف علي زرداري چيو ته اهو جذبو جنهن پاڪستان کي وجود بخشيو. اسان کي هڪ روشن مستقبل جي طرف کڻي وڃي سگهي ٿو.

بقايا 32

مزار تي حاضري ڏني. ميڊيا سان ڳالهائيندي وڏي وزير 23 مارچ 1940 جي اهميت کي اجاگر ڪيو وڏي وزير چيو ته اڄ قرارداد جي 85هين سالگره آهي. هن تاريخي موقعي تي پاڪستان جي باني جي خواب مطابق پاڪستان جي تاريخ کي ترقي لاءِ دعا ڪئي ۽ اميد ظاهر ڪئي ته هي ملڪ هڪ اسلامي جمهوري رياست جي حيثيت سان ترقي ڪندو رهندو. مراد علي شاهه پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ جي حوالي سان سنڌ جي اهم ڪردار تي روشني وجهندي چيو ته 3 مارچ 1943 تي سنڌ اسمبلي سڀ کان پهرين پاڪستان جي قرارداد جي منظوري ڏني. هن چيو ته آزادي جي جدوجهد 14 آگسٽ 1947 تي پنهنجي عروج تي پهتي، جڏهن پاڪستان اسلامي اصولن تي قائم هڪ آزاد ملڪ جي طور تي ظاهر ٿيو اڄ ملڪ کي پيش ايندڙ چيلنجز جي حوالي سان مراد علي شاهه دهشگردي خلاف قومي اتحاد ۽ اقتصادي ترقي لاءِ گڏيل ڪوششن جي ضرورت تي زور ڏنو هن سڀني شهرين تي زور ڀريو ته هو ملڪ دشمن طاقتن خلاف هڪ ٿين جيڪي پاڪستان جي استحڪام لاءِ خطرو آهن ۽ قوم کي پيش ايندڙ ڪنهن به خطري خلاف سڀ کي هڪ ٿيڻو پوندو. مراد علي شاهه 1971ع جي المناڪ واقعن جو به ذڪر ڪيو ۽ ٻڌايو ته ڪهڙي ريت اڳوڻي وزيراعظم شهيد ذوالفقار ڀٽو پاڪستان جي ٻيهر تعمير ۽ متحد ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هن چيو ته 1977ع ۾ جڏهن هڪ فوجي آمر چونڊيل حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ته جمهوري عمل ۾ خلل پيو ۽ گهڻن ماڻهن ان کي ملڪ جو ڪارو ترين دور قرار ڏنو هن دهشتگردي جي عروج کي آمر جي دور سان ڳنڍيندي چيو ته آئين جي معطلي جا سنگين نتيجا نڪتا. خيبر پختونخواهه ۽ بلوچستان ۾ دهشتگردي جي تازن واقعن سميت جعفر ايڪسپريس تي حملي ۽ نوشڪي، قلات ۽ بنون ۾ پيش ايندڙ واقعن تي تبصرو ڪندي مراد علي شاهه قومي سلامتي جي اهميت تي زور ڀريو هن اهڙي جماعتن تي تنقيد ڪئي جن پهرين قومي سلامتي ڪميٽي جي اجلاسن ۾ شرڪت کي نظرانداز ڪيو ۽ هن ڳالهه جو عزم ڪيو ته دهشتگردي کي گڏيل طور تي منهن ڏيڻ گهرجي. وڏي وزير عوام تي زور ڀريو ته هو پاڪستان جي ڏينهن ملڪ جي خوشحالي لاءِ جدوجهد ڪرڻ لاءِ پنهنجي عزم کي ورجائين. هن تمام سياسي قوتن جي زور ڀريو ته هو هڪ ٿي پاڪستان جي ترقي ۾ پنهنجو حصو وٺن. جهڙي ريت شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان کي ايٽمي طاقت ناهڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو هو ۽ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو قومي دفاع لاءِ ميزائل ٽيڪنالوجي کي هٿي وٺرائي. وڏي وزير چيو ته پاڪستان کي غير مستحڪم ڪرڻ ۽ دهشتگردن جي پنپرائي ۾ غير ملڪي عنصرملوث آهن ۽ ان خطرن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ متحد محاذ جي ضرورت آهي. پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ صدر آصف علي زرداري جي قيادت ۾ سنڌ حڪومت قومي ترقي ۽ قومي سلامتي لاءِ پرعزم آهي. مراد علي شاهه فلسطين ڪشمير ۽ يمن جي ظلم سميت مسلم دنيا کي پيش ايندڙ چيلنجز تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. هن لاهور ۾ تاريخي اسلامي سربراهي ڪانفرنس جي ميزباني ڪرڻ واري شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي قيادت جو حوالو ڏيندي چيو ته اسلام دشمن قوتن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ اسلامي قومن جي وچ ۾ اتحاد کي هٿي ڏيڻ لازمي آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ وڏي وزير سيد مراد علي شاهه واضح پيغام ڏنو ته ڪو نئون ڪئنال نه ٺهي رهيو آهي. عوام جي خدشن کي گهٽائيندي هن چيو پاڪستان پيپلزپارٽي (پ پ پ) جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ذاتي طور تي مختلف علائقن جو دورو ڪندو ۽ شهرين کي يقين ڏياريندو ته اهڙا ڪي به ڪئنال نه ناهيا ويندا هن ان ڳالهه جو عزم ڪيو ته ڪڏهن به ڪنهن قسم جي غلط معلومات سامهون آيون ته هن جي وضاحت ڪئي ويندي. مراد علي شاهه وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ جڏهن به ڪئنالن جي تعمير جا منصوبا ٺهندا، وڌيڪ ڪنهن به آباديءَ کي بي گهر نه ڪيو ويندو جيڪڏهن پاڻي محفوظ ڪرڻ بعد آبادي ۾ ڪنهن واڌ کي ممڪن سمجهيو ويندو آهي ته سنڌ حڪومت ان سهولت لاءِ تعاون ڪندي. مراد علي شاهه چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ خاص منصوبن سان گڏ سنڌس حڪومت پهرين ئي ڪوآپريٽوفارمنگ ڏانهن وڏي وڌي رهي آهي زراعت جو وزير ۽ ڪوآپريٽو کاتو انهن شروعاتن تي محنت سان ڪم ڪري رهيا آهن. وڏي وزير حيدرآباد سکر موٽروي جي تعمير ۾ سست روي ته پنهنجي ڳڻتي جو اظهار ڪيو منصوبي کي اڳتي وڌائڻ جي ڪيترين ئي ڪوشش جي باوجود ان تي ڪم شروع نه ٿي سگهيو هن زور ڏنو ته هي موٽر وي نه صرف سنڌ لاءِ پر سڄي پاڪستان لاءِ اهي چو ته ان سان اپار ۾ نمايان اضافو ٿيندو. مراد علي شاهه چيو ته پبلڪ سيڪٽر ڊولپمينٽ پروگرام (پي ايس ڊي پي) تحت موٽر وي لاءِ فنڊ مختص ڪيا ويا آهن، پر هن ترجيح جي تصديق نه ڪئي وئي آهي. هن چيو ته جڏهن هي مسئلو پهريون ڀيرو قومي اقتصادي ڪائونسل جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي (ايڪنڪ) ۾ اٿاريو ويو هو ته سنڌ اعتراض ڪيو هو. اهو روڊ جي تعمير بابت نه هو پر برابري واري ترقي جي غير موجودگي بابت هو جيڪو آئين طرفان لازمي قرار ڏنو ويو آهي. وڏي وزير چيو ته حيدرآباد_سکر موٽر وي کي ٻين ضلعن سان ڳنڍڻ بدران ان جي تعمير پهرين مڪمل ڪئي وڃي. هن اهو پڻ چيو ته جيتوڻيڪ سنڌ حڪومت منصوبي ۾ حصو وٺڻ جي پابند ناهي پر منصوبي جي تڪميل کي تيز ڪرڻ لاءِ اهو ڪرڻ لاءِ تيار آهي. هن چيو ته ماضي ۾ ڪراچي_ٺٽو موٽر وي، جيڪو هڪ وفاقي منصوبو هو وفاقي اختيارين پاران ڪا به اڳڀرائي نه ٿيڻ جي ڪري سنڌ حڪومت ڪجهه حد تائين فنڊ فراهم ڪيا هئا. ساڳئي طرح ڄامشورو سيوهڻ روڊ جي واڌ لاءِ سنڌ 50 سيڪڙو فنڊ فراهم ڪيا پر 8 سال گذرڻ جي باوجود وفاقي حڪومت ان کي مڪمل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي. صوبائي خودمختياري جي حوالي سان ڳالهائيندي وڏي وزير واضح ڪيو ته سنڌ حڪومت ڪنهن به وفاقي اداري کي صوبي جي رضامندي ڪانسواءِ صوبي ۾ منصوبا شروع ڪرڻ جي اجازت نه ڏيندي ڇو جو اهڙي طرح جي قدمن سان ڊپليڪيشن ٿي ويندي آهي ان حوالي سان هن ماضي جي مثالن جو حوالو ڏنو ،خاص طور عمران خان جي دور ۾ جتي وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن پاران هڪ جهڙا منصوبا شروع ڪيا ويا، جنهن جي نتيجي ۾ خاميون پيدا ٿيون. مراد علي شاهه وفاقي حڪومت تي زور ڏنو ته پاڻي جي مسئلي سميت سڀني التوا واري مسئلن تي بحث لاءِ سي سي آءِ جو اجلاس گهرايو وڃي. پنهنجي خطاب جي پڄاڻي ۾ وڏي وزير پاڪستان جي مسلسل ترقي لاءِ دعا ڪئي ۽ سڀني شهرين تي زور ڏنو ته هو ملڪ جي دفاع لاءِ تيار رهن. هن ان ڳالهه جو عزم ڪيو ته سنڌ حڪومت پنهنجي قيادت ۾ قومي ترقي ۽ استحڪام لاءِ ڪم جاري رکندي.

بقايا 33

فوجي پريڊ کي خطاب ڪندي آصف علي زرداري چيو ته پاڪستان جاگرافيائي سياسي چيلينجن کي منهن ڏئي رهيو آهي، جڏهن ته ان جي بهادر فوج قوم جي سهڪار سان بي مثال قربانيون ڏئي رهي آهي. هن چيو ته ڀارت سدائين پاڪستان تي بري نظر وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جڏهن ته خارجي ۽ ٻيون دهشتگرد تنظيمون پنهنجا ناپاڪ مقصد حاصل ڪرڻ چاهين ٿيون پر قوم ۽ پاڪ فوج گڏ آهي ۽ اهڙا ناپاڪ عزم ناڪام بڻائينداسين. پاڪستان ۾ مسئلا حل ڪرڻ جي صلاحيت موجود آهي. صدر آصف علي زرداري دفاع کي مضبوط بڻائڻ ۽ زراعت سميت معاشي شعبن کي هٿي ڏيڻ جي ضرورت تي زور ڏنو هن نوجوانن کي قوم جو اثاثو قرار ڏنو ۽ متن تحقيق تي ٻڌل تعليم ۽ جديد ترين ٽيڪنيڪي تربيت کي ترجيح ڏيڻ تي زور ڏنو. سندس چوڻ هو ته پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي استحڪام ۽ امن کي يقيني بڻائڻ تي ٻڌل آهي، پنهنجي پاڙيسرين ۽ عالمي برادري سان مضبوط لاڳاپا چاهيون ٿا.

بقايا 34

امير مقام چيو ته خيبر پختونخواهه ۾ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ مڙهيل حڪومت کان ڇوٽڪارو پهريون شرط آهي، چو ته دهشتگرد پاڻ حڪومت ۾ هجن ته دهشتگردي ڪيئن ختم ٿيندي؟ هن چيو ته علي امين گنڊاپور صوبي کي الله جي حوالي ڪري پاڻ اسلام آباد ۾ آرام ڪري رهيو آهي، وڏي وزير ۽ سنڌس صلاحڪارن کي بيانن، اعلان ۽ مشهوري مان فرصت ئي نٿي ملي. سنڌس چوڻ هو ته وڏي وزير ۽ صلاحڪارن کي صوبي ۽ عوام بدران اڊيالا جيل جي قيدي جي ڳڻتي آهي، علي امين گنڊاپور هدايتن لاءِ اڊيالا جيل جي در تي ويٺو هوندو ته صوبو ڪيئن هلندو؟

بقايا 35

مرحلي ۾ قانوني ۽ غير قانوني طور رهندڙ افغانين جي نيڪالي لاءِ تياريون ڪيون ويون آهن، ٻئي مرحلي ۾ پهرين اپريل کان غير قانوني طور رهندڙ افغانين کي بي دخل ڪيو ويندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته افغان شهرين کي 15 فيبروري کان 31 مارچ تائين رضاڪارانہ طور واپسي جي آڇ ڪئي وئي آهي. ذريعن موجب سنڌ حڪومت سيڪيورٽي، آپريشنل ۽ اسٽريٽيجڪ پلان تيار ڪري ورتو آهي، وفاق جي هدايت تي افغان شهرين جي ملڪ بدري جو پلان گهرو کاتي ۽ ڪمشنرن جي مشاورت سان تيار ڪيو ويو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته سڄي سنڌ ۾ ڊويزن ۽ ضلعي سطح تي ڪميٽيون فعال ڪيون ويون آهن، جڏهن ته هولڊنگ پوائنٽس به ناهيون ويون آهن. ذريعن موجب ڊپٽي ڪمشنر ڪياماڙي ۽ ڊپٽي ڪمشنر جيڪب آباد جي سربراهي ۾ هولڊنگ پوائنٽس ناهيون ويون آهن، هولڊنگ پوائنٽس ۾ بلديات کاتي جو عملو ۽ صحت کاتي جو پيرا ميڊيڪل اسٽاف مقرر هوندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته جن افغان قيدين جون سزائون پوريون ٿي چڪيون آهن، انهن کي به هولڊنگ پوائنٽ آندو ويندو.

بقايا 36

مرحلي ۾ قانوني ۽ غير قانوني طور رهندڙ افغانين جي نيڪالي لاءِ تياريون ڪيون ويون آهن، ٻئي مرحلي ۾ پهرين اپريل کان غير قانوني طور رهندڙ افغانين کي بي دخل ڪيو ويندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته افغان شهرين کي 15 فيبروري کان 31 مارچ تائين رضاڪارانہ طور واپسي جي آڇ ڪئي وئي آهي. ذريعن موجب سنڌ حڪومت سيڪيورٽي، آپريشنل ۽ اسٽريٽيجڪ پلان تيار ڪري ورتو آهي، وفاق جي هدايت تي افغان شهرين جي ملڪ بدري جو پلان گهرو کاتي ۽ ڪمشنرن جي مشاورت سان تيار ڪيو ويو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته سڄي سنڌ ۾ ڊويزن ۽ ضلعي سطح تي ڪميٽيون فعال ڪيون ويون آهن، جڏهن ته هولڊنگ پوائنٽس به ناهيون ويون آهن. ذريعن موجب ڊپٽي ڪمشنر ڪياماڙي ۽ ڊپٽي ڪمشنر جيڪب آباد جي سربراهي ۾ هولڊنگ پوائنٽس ناهيون ويون آهن، هولڊنگ پوائنٽس ۾ بلديات کاتي جو عملو ۽ صحت کاتي جو پيرا ميڊيڪل اسٽاف مقرر هوندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته جن افغان قيدين جون سزائون پوريون ٿي چڪيون آهن، انهن کي به هولڊنگ پوائنٽ آندو ويندو.

بقايا 37

جي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پاڪستان انهن بيشمار قربانين جو نتيجو آهي جيڪي اسان جي ابن ڏاڏن هڪ آزاد جمهوري رياست جي قيام لاءِ ڏنيون، اڄ اسان کي انهن عظيم شهيدن کي ياد رکڻ گهرجي جن اسان جي ملڪ جي آزادي ۽ خودمختياري لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪيون. هن چيو ته اڄ جو ڏينهن پاڪستان کي درپيش چئلينجن خلاف متحد ٿيڻ ۽ جدوجهد ڪرڻ جي عهد جي تجديد جو ڏينهن آهي. هڪ مضبوط، مستحڪم ۽ خوشحال پاڪستان لاءِ اسان سڀني لاءِ ضروري آهي ته اسان پنهنجن اختلافن کان بالاتر ٿي متحد ٿيون. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اسان سڀني کي قائداعظم جي اصولن تي عمل ڪندي ملڪ جي ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.

بقايا 38

سيد شفقت علي شاهه چيو آهي ته برصغير جي مسلمانن پنهنجي لاءِ الڳ رياست حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ڪيترن ئي سالن اڳ کان شروع ڪئي هئي. 23 مارچ يوم پاڪستان جي موقعي تي قوم جي نالي پنهنجي پيغام ۾ سيد شفقت علي شاهه وڌيڪ چيو ته 23 مارچ 1940 تي آل انڊيا مسلم ليگ جي ساليانی اجلاس ۾ قرار داد منظور ڪئي وئي، هي اجلاس منٽو پارڪ، لاهور (موجوده اقبال پارڪ) ۾ ٿيو هو هي تاريخي قرارداد شير بنگال مولوي فضل الحق پيش ڪئي هئي. ان قرارداد ۾ برصغير جي مسلمانن لاءِ هڪ الڳ رياست جي قيام جو مطالبو ڪيو ويو هو، جيڪو بعد ۾ پاڪستان جي قيام جي بنياد بڻيو. قائداعظم محمد علي جناح پاڻ هن تاريخي اجلاس ۾ موجود هئا ۽ هن 23 مارچ 1940 تي پنهنجي مشهور صدارتي خطاب ۾ مسلمانن لاءِ هڪ الڳ رياست جي ضرورت تي زور ڏنو هن اجلاس ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جا ڪيترائي مشهور اڳواڻ شريڪ هئا، جن ۾ شامل هئا: قائداعظم محمد علي جناح (صدر، آل انڊيا مسلم ليگ)، مولوي اي ڪي فضل الحق (وزيراعليٰ بنگال، جنهن قرارداد کي پيش ڪيو)، نواب بهادر يار جنگ، چوڌري خليق الزمان، سردار عبدالرب نشتر، علامه شبير احمد عثماني، نواب زاده لياقت علي خان، مولانا ظفر علي خان، خواجه ناظم الدين، حسين شهيد سهروردي موجود هئا. هن اجلاس ۾ برصغير جي مختلف حصن مان آيل هزارين مسلمان به شريڪ هئا، جن ۾ شاگرد، عالم، سياستدان ۽ عام عوام شامل هو هيءَ قرارداد بعد ۾ پاڪستان جي قيام جي بنياد بڻجي ۽ 14 آگسٽ 1947 تي مملڪت خدا داد پاڪستان وجود ۾ آيو ۽ اڄ دنيا جي نقشي تي اسان جي سڃاڻپ پاڪستان جي نالي سان ٿئي ٿي، آزاد قومون هميشه پنهنجي وطن جي حفاظت لاءِ وڏي کان وڏي قرباني ڏيڻ کان پوئتي نه هٽنديون آهن، ۽ اسان جي پاڪ فوج ۽ سيڪيورٽي فورسز ملڪ جي سرحدن جي حفاظت ۽ دفاع لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪري رهيون آهن. يوم پاڪستان جي موقعي تي اسان انهن کي سلام پيش ڪريون ٿا. پاڪستان زنده باد، پاڪ فوج زنده باد

بقايا 39

پاران ڪامريڊ ڀڳت سنگهه جي 94هين ورسي ۽ هيمون ڪالاڻي جي سالگرهه حوالي سان تقريب ڪوٺائي وئي، تقريب کي عوامي حقوق اڳواڻ ڪامريڊ حميده گهانگهرو، جسم جي مرڪزي صدر عبدالخالق جوڻيجو، ايڊووڪيٽ نيشنل ٽريڊ يونين فيڊريشن جي ناصر منصور، نيشنل پارٽي جي شائنه رمضان، ڊاڪٽر جيپال داس، ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي حسين فاطمي، اسلم بنگلزئي، فشر فوڪ فورم جي سعيد بلوچ، انجمن ترقي پسند منصفين جي علي محمد ميمڻ، لياري عوامي محاذ جي واحد بخش ناريجو ايڊووڪيٽ ، گل محمد منگي، نعيم شيخ، قادر اعظم، مومن خان مومن ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته انگريز سامراج خلاف آزادي جي لاءِ جدوجهد ڪندڙن کي شهيد پڻ ڪيو ويو، اڄ آزادي حاصل هجڻ جي باوجود ملڪ جي مظلوم محڪوم عوام کي آزادي کان محروم ڪري بلوچ عورتن، پوڙهن ۽ ٻارن تي وحشياڻو تشدد ڪيو پيو وڃي، اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هو ته ڪارپوريٽ فارم ۽ درياهه مان تڪراري ڪئنال ڪڍي سنڌ جي زمينن کي بنجر بڻايو پيو وڃي، ڪئنال تيار ٿيا ته سنڌجو عوام پاڻي جي بوند جي لاءِ ترسي ويندو، ان ڪري اڄوڪي صورتحال ان ڳالهه جي تقاضا ڪري ٿي ته سمورين مظلوم قومن ۽ طبقن کي متحد ۽ منظم ٿيڻو پوندو ۽ پنهنجي بقا لاءِ حڪمران طبقن جو هڪ آواز بڻجڻو پوندو، ٻي صورت ۾ ظالم ۽ جابر ڪين سڌو سنئون جيئڻ جي حق کان محروم ڪري ڇڏيندا.

بقايا 40

پيش ڪرڻ لاءِ ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ پاڪستان زنده آباد پاڪ فوج زنده آباد جا زوردار نعره لڳائي پنهنجي ملڪ ۽ پاڪ فوج سان محبت جو اظهار ڪيو ويو ان موقعي تي فقير امام دين چيو ته پاڪ فوج جي قربانين سان اسان اڄ پنهنجي ملڪ ۾ سک جو ساهه کڻي رهيا آهيون جي پاڪ فوج نه هجي ها ته اسان اڄ غلامي واري زندگي گذارڻ تي مجبور هجئون ها ملڪ دشمن عناصر پنهنجي هن ملڪ کي ڪيترائي ڀيرا ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي پر هو ناڪام ٿي ويا چو ته اسان جي فوج عوام سان پيار ڪندڙ ۽ ان جي ڏک جي ساٿي هجڻ ڪري عوام جي به ڀرپور حمايت حاصل آهي هن چيو ته جي اڳر هي ملڪ آهي ته اسان آهيون پاڪ فوج اسان جو شان آهي ۽ اسان پنهنجي شان کي ڪڏهن به جهڪڻ نه ڏينداسين اسان کي اڳر هن ملڪ جي حفاظت لاءِ جانين جا نظرانه ڏيڻا پيا ته به پوئتي نه هٽنداسين پوري عوام هن وقت پاڪ فوج جي ٻانهن ٻيلي بڻجي انهن سان هر ڏکئي وقت ۾ گڏ آهي ۽ هميشه گڏ رهندي

بقايا 41

احتجاجي ريلي ڪڍي وئي،ريلي جي اڳواڻي حمز علي چانڊيو،شڪيل گهانگهرو ۽ ٻيا اڳواڻ ڪري رهيا هيا،ريلي ۾ ڪنڊيارو جي جسقم،پي ٽي آءِ،ايس يو پي،جي يو آءِ ،ڪنڊيارو بار ۽ ٻين مختلف تنظيمن جا اڳواڻ،سوين ڪارڪن، صحافي، شهري مرد،عورتون ۽ ٻارڙا به ريلي ۾ شريڪ ٿيا،ريلي ۾ شريڪ ڪارڪن ۽ شهري سنڌو درياهه مان ڪينال ڪڍڻ خلاف لکيل بينر ۽ پمفليٽ هٿن ۾ کڻي نعري بازي ڪندا شهر جي مرڪزي اسٽار چوڪ،اسپتال روڊ کان ٿيندا قومي شاهراهه تي پهتا جتي قومي شاهراهه بلاڪ ڪري ڌرڻو هنيو ويو. ڌرڻي سبب قومي شاهراهه تان ملڪ جي ٻين شهرن ڏانهن ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي،احتجاج ڪندڙ مظاهرين پاران سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ ۽ وفاقي حڪومت خلاف سخت نعري بازي ڪئي وئي،ڌرڻي ۾ شريڪ اڳواڻن حمز علي چانڊيو،صحافي ڊي ايم سومرو ،بار تعلقي ڪنڊيارو جي صدر سيد نواب شاهه ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو سنڌ اڳ ئي زرعي زمين ۽ پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ کي منهن ڏئي رهي آهي،سنڌ جي پاڻي تي پنجاب جو قبضو رهيو آهي جنهن جي فرمائش تي هميشه کان سنڌو درياءَ مان سنڌ جي حصي جو پاڻي چورايو ويندو آهي،هاڻي سنڌو درياءَ مان وڌيڪ ڪينال ڪڍي سنڌ جي رهواسين کان زرعي زمين سان گڏ پيئڻ جو پاڻي به کسيو ويندو جنهن بعد سنڌ جي زمين بنجر ۽ عام معمول واري زندگي مڪمل طور غلامي ۾ اچي ويندي،اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته پيپلز پارٽي سنڌو درياءَ جي پاڻي جو سودو ڪري ڪينال ڪڍڻ جي اجازت ڏني آهي،سنڌ جو عوام ان جو اصل ڪردار ڄاڻي چڪو آهي،هاڻي سنڌي عوام هن جي وڌيڪ چالاڪين ۾ نه ايندو ۽ سنڌو درياءَ سميت پنهنجي ٻين وسيلن جي مالڪي لاءِ جدوجهد تان پوئتي نه هٽندو،ڌرڻي ۾ شريڪ ٿيندڙن وفاقي حڪومت کان گهر ڪئي ته سنڌو درياءَ مان وڌيڪ ڪينال ڪڍڻ جو فيصلو واپس ورتو وڃي

بقايا 42

پوليس موجب حيدرآباد جي ڏوراهين علائقي ٽنڊو حيدر جي ڳوٺ ڀهلن ڪالوني ۾ ليلي نالي عورت پنهنجي مڙس کي گهريلو اڻبڻت تان جهيڙي کان پوءِ لوهي جي راڊ ۽ ڏنڊي سان حملو ڪري ڪيس قتل ڪري ڇڏيو. ڏوهاري عورت شروعاتي طور تي پوليس کي گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته نامعلوم ماڻهو منهنجي مڙس کي زخمي حالت ۾ گهر جي دروازي ٻاهران اڇلي فرار ٿي ويا آهن. پر پوليس گهر جي پٽن تي رت جا نشان ۽ 4 ورهين جي ٻارجي بيان جي روشني ۾ عورت کي گرفتار ڪري جاچ شروع ڪري ڇڏي. مقتول جي والد جي مدعيت ۾ پوليس ڪيس داخل ڪري ورتو آهي جڏهن ته پوليس واقعي جي هر رخ کان جاچ پڻ ڪري رهي آهي. پوليس موجب واقعو گهريلو نااتفاقي سبب پيش آيو آهي، عورت ۽ مرد ۾ روزانو جهيڙا ٿيندا هئا جنهن کان تنگ اچي عورت مڙس کي قتل ڪري ڊرامائي رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي.

بقايا 43

ڪارپوريٽ فارمنگ ڪمپني کي ڏيڻ خلاف به الڳ الڳ احتجاجي ريليون ڪڍيون ويون ، ڳوٺ يار محمد پرڳڙي مان نوجوان اتحاد جي شاگردن ، هارين ، آبادگارن ، وڪيلن ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن ڳوٺ يار محمد پرڳڙي جي اڳواڻن محمد يونس پرڳڙي ، اي جي پرڳڙي ، جبار سيال ، ايڊوڪيٽ وحيد سيال ، سجاد پرڳڙي ، درياءُ خان پرڳڙي ، صداقت علي ، ڪامريڊ اياز پرڳڙي ، مدد ڇجڙو ، لاڙڪاڻو هاءِ ڪورٽ بار جي جوائنٽ سيڪريٽري عابد ڪلهوڙو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي ريلي ڪڍي ، ريلي ۾ شريڪ ماڻهن ڳوٺ يار محمد پرڳڙي کان 5 ڪلو ميٽر پيادل مارچ ڪري گهنٽا گهر چونڪ ۽ ميهڙ پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ۽ ڌرڻو هنيو ، هنن چيو ته پاڻي تي ڌاڙو نامنظور درياءُ سنڌو تي ڌاڙو نامنظور جا زوردار نعرا لڳايا ، ريلي ۾ شريڪ ماڻهن حڪومتي ڌر جي خلاف پڻ نعريبازي ڪئي ، ريلي ۾ قومپرست ڪارڪنن ، سول سوسائٽي ، وڪيلن جي وڏي انگ ۾ شرڪت ۽ پيادل مارچ ، اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌو درياءُ مان ڪئنال ڪڍڻ سان سنڌ تباهه ٿي ويندي پاڻي نه هجڻ ڪري بک بدحالي ۽ فاقاڪشي جي صورتحال پيدا ٿي ويندي ، پاڻي اسان جي زندگي آهي اسان ڪنهن به صورت ۾ ڪئنال ڪڍڻ نه ڏينداسين ، سنڌ جي زمينن ڪارپوريٽ فارمنگ ڪمپني جي نالي تي قبضي جي سازش ڪئي پئي وڃي پيپلز پارٽي هنن منصوبن ۾ برابر جي شريڪ آهي ۽ سنڌ کي تباهي جي طرف ڌڪي ڇڏيو آهي ، هنن مطالبو ڪيو ته سنڌو درياءَ مان ڪئنال ڪڍڻ ۽ سنڌ جو زمينون ڪارپوريٽ فارمنگ ڪمپني کي ڏيڻ وارو فيصلو فلفور واپس ورتو وڃي ، ٻئي صورت ۾ آخري دم تائين احتجاج جاري رهندا

بقايا 44

ٿيڻ ڪري عورت سميت ٻه ڄڻا فوت جڏهن ته 8 زخمي ٿي پيا جن کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. رپورٽ موجب ڳوٺ مير محمد انڙ جا رهواسي هڪ ئي گهر جا ٻارڙن سميت 9 ڀاتي سانگهڙ ويجهو 83 چڪ پنهنجي مائٽن ڏانهن وڃي رهيا هئا ته سانگهڙ ويجهو 23 چڪ وٽ ڪار جو ٽائر ڦاٽڻ سبب ڪار ڪلٽي ٿي پئي ڪار ۾ سوار هڪ عورت ارباب زادي زال محمد رمضان انڙ ۽ محمد امين فوت ٿي ويا جڏهن ته محمد، عورتون ساران، خديجا، ۽ ٻارڙا زينت، حميره، طاهره،دعا، رمضان، مهربان انڙ شديد زخمي ٿي پيا. زخمين ۽ فوتين کي سول اسپتال سانگهڙ آندو ويو جتي طبي امداد بعد زخمين کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ نوابشاهه اسپتال منتقل ڪيو ويو زخمين ۾ معصوم ٻارڙا به شامل آهن

بقايا 45

سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽي ملڪ کي مضبوط ۽ متحد رکڻ لاءِ ايٽمي پروگرام ۽ صوبن کي خودمختياري ڏني، اسان جو ويزن پاڪستان کي هڪ حقيقي جمهوري فلاحي رياست ۾ تبديل ڪرڻ آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن يوم پاڪستان جي موقعي تي پنهنجي هڪ پيغام ۾ ڪيو هن چيو ته 23 مارچ پاڪستان جي تاريخ جو اهم ڏينهن آهي، برصغير جي مسلمانن غلامي ۽ جبر جي طوق کان آزاد ٿيڻ لاءِ هڪ الڳ وطن ناهڻ جو فيصلو ڪيو هن چيو ته 23 مارچ جو ڏينهن اسان کي پنهنجي بزرگن جون قربانيون ياد ڏياري ٿو ۽ اسان کي هڪ مضبوط ۽ خوشحال پاڪستان ناهڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ جي ترغيب ڏئي ٿو توانائي کاتي واري صوبائي وزير سيد ناصر شاهه چيو ته يوم پاڪستان جي ڏينهن تي اهو عهد ڪريون ٿا ته پاڪستان لاءِ ڪنهن به قرباني کان پوئتي نه هٽنداسين ۽ ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ وڌ کان وڌ حصو وٺندا رهنداسين. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان کي هڪ حقيقي فلاحي رياست بڻائڻ لاءِ قائداعظم محمد علي جناح جي رهنمائي ڪندڙ اصولن تي عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته اچو اڄ اسين پاڪستان کي هڪ ترقي پسند ۽ خوشحال رياست بڻائڻ لاءِ پنهنجي عزم جو عهد ڪريون.

بقايا 46

داسين، پاڪستان ۾ مسئلا حل ڪرڻ جي صلاحيت موجود آهي. صدر آصف علي زرداري دفاع کي مضبوط بڻائڻ ۽ زراعت سميت معاشي شعبن کي هٿي ڏيڻ جي ضرورت تي زور ڏنو هن نوجوانن کي قوم جو اثاثو قرار ڏنو ۽ متن تحقيق تي ٻڌل تعليم ۽ جديد ترين ٽيڪنيڪي تربيت کي ترجيح ڏيڻ تي زور ڏنو. سندس چوڻ هو ته پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي استحڪام ۽ امن کي يقيني بڻائڻ تي ٻڌل آهي، پنهنجي پاڙيسرين ۽ عالمي برادري سان مضبوط لاڳاپا چاهيون ٿا

پاٽ شريف جا شهري به تڪراري ڪئنال ڪڍڻ خلاف روڊن تي نڪري آيا

ريلي ۾ جسقم ، ساس ، سرجڻهار فورم ، ڪسان اتحاد، نوجوان اتحاد سميت صحافين ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

وفاق سدائين سنڌ جي وسيلن تي قبضو ڪيو آهي، ڏيڍ سو سال کان سنڌي قوم درياهه بچائڻ جي جنگ ۾ جنٽيل آهي: تنوير

دريا تي قابض ڌريون پهريان ڪان ٿي سنڌو مٿان ڪينال ۽ ڊيم ناهي انڊس ڊيلٽا کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي: مشهور ميمڻ

No more Cenals on Indus River
سنڌو درياءَ مٿان آبي انڪروچمينٽ نامنظور
ڪئنال سمورا نامنظور
پاٽ شريف جو شعور

پاٽ شريف: شهري هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي تڪراري ڪئنالن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

پاٽ شريف (ن پاڪ) سموري سنڌ جيان تڪراري ڪئنال /ڏسو صفحو 2 بقايا 1

لاڙڪاڻي ۾ تعليم کاتي ضلعي پاران يوم پاڪستان حوالي سان تقريب ڪوٺائي وئي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ تعليم کاتي ضلعي /ڏسو صفحو 2 بقايا 2

لاڙڪاڻي ۾ حيدرآباد واسڻ جو مبينا ڪنيي گم ڪيل پٽ جي آزادي لاءِ احتجاج

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ حيدرآباد جي شيدي ڳوٺ /ڏسو صفحو 2 بقايا 3

ڪنڊڪوٽ ۾ ڀتا خوري خلاف شهري اتحاد جي سڏ تي احتجاجي ڪئمپ جاري

شهرين جو قتل عام بند ڪريو، غنڊا گردي، هي دهشتگردي بند ڪيو جا اپ ڏارينڊڙ نعرا

ضلعي کي ڌوهارين جي حوالي ڪيو ويو آهي، ڀتا خوري جو سلسلو جاري آهي: ڊاڪٽر ميهرچند

شهري خوف جي زندگي گذاري رهيا آهن قاتل آزاد، مقتولن جا وارث ۽ شهري انصاف لاءِ روڊن تي ويٺل آهن: ظريت بجاراڻي

ڪنڊڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) ڪنڊڪوٽ ضلعي ۾ ڀتاخوري، قتل عام خلاف شهري اتحاد ۽ آل پارٽيز مومينٽ جي سڏ تي پنجين ڏينهن تي به سوين شهرين گهنٽا گهر چوڪ تي احتجاجي ڪيمپ لڳايي پوليس جي نااهلي خلاف احتجاج ڪيو، امن جي ڌرتي امن ٿي چاهي، بي گناهه شهرين جو قتل عام بند ڪيو هي غنڊاگردي، هي دهشتگردي بند /ڏسو صفحو 2 بقايا 4

ميهڙ ۾ استاد جو ڌمڪيون ملڻ خلاف احتجاج

پئسن جي ڏيتي ليتي تان بااثر ڌمڪائي رهيو آهي: احمد علي سومرو

ڌمڪيون ڏيندڙن مان جان کي خطرو آهي تحفظ فراهم ڪيو وڃي: مطالبو

ميهڙ: استاد ڌمڪيون ملڻ خلاف پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ ۾ ڏيتي ليتي تان بااثر ڌر جي موٽمار ڌمڪين خلاف سيڪنڊري اسڪول جي استاد جو احتجاجي مظاهرو بااثر ڌر تي قتل اغوا/ڏسو صفحو 2 بقايا 5

گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول سجاول ۾ يوم پاڪستان جي تقريب، ريلي، تقريرون

وڏڙن جي عظيم قربانين سبب آزاد ملڪ مليو: اي ڊي سي ون

يوم پاڪستان هن عظيم سرزمين جي حفاظت جي عزم کي مضبوط ڪري ٿو

سجاول (رپورٽر) پوري ملڪ جيان سجاول ضلعي ۾ پڻ يوم پاڪستان 23 مارچ جي موقعي تي ضلعي انتظاميه جي سرپرستي هيٺ گورنمينٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا 6

عيد ويجهو ايندي ئي ميهڙ ۽ ڀرپاسي ۾ ڌوهه وڌي ويا

اي سي جي آفيس ٻاهران چور صدر الدين جانوري جي موٽرسائيڪل کاهي ويا

ميهڙ پوليس ڌوهارين خلاف ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي: متاثر صدر الدين جانوري

ميهڙ (رپورٽ عظيم جانوري) ميهڙ ۾ امن امان جي صورتحال انتهائي خراب بڻجي وئي عيد ويجهو اينديءَ ئي چورين ۽ ڦرن ۾ اضافو ٿي ويو/ڏسو صفحو 2 بقايا 28

شهدادپور پرسان ٻن موٽر سائيڪلن ۾ ٽڪر، 2 زخمي

حادثو ملدسي روڊ تي پيش آيو، علي حسن پنهور ۽ هرنال ڀيل زخمي ٿيا

زخمين کي طبي امداد جي لاءِ سمس اسپتال منتقل ڪيو ويو

شهدادپور(رپورٽ رئوف جان باگراڻي) شهدادپور ۾ ملدسي روڊ تي ٻن موٽر سائيڪلن ۾ آمهون سامهون زوردار ٽڪر، 2 ڄڻا سخت زخمي/ڏسو صفحو 2 بقايا 27

ڏهرڪي ۾ پاڪستان ڊي جي حوالي سان تقريب

راجڪمار، منوهر لعل، صادق لغاري، ممتاز پتو ۽ ٻين جي شرڪت

پاڪستان کي وڏين قربانين سان حاصل ڪيو ويو: مکي راجڪمار

ڏهرڪي (رپورٽ وجي ڪمارچاولا) مختيارڪار ڏهرڪي اشرف علي پتافي جي اڳواڻي ۾ پاڪستان ڊي ملهايو ويو. جنهن ۾ ڏهرڪي /ڏسو صفحو 2 بقايا 26

پٽ شاهه: شهري ۽ دڪاندار پوليس خلاف احتجاج ڪندي، ننڍي تصوير ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪنڊڪوٽ ويجهو شهيد حاجن بگن خان سومرو جي ورسي تقريب

شهيد بگن غريبن کي ڪڏهن به اڪيلو نه ڇڏيو: منظور حسين

بگن کي وڇڙي 25 ورهيه ٿي ويا آهن پر هو اڄ به دلين ۾ زنده آهي: خطاب

ڪنڊڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) ڪنڊڪوٽ شهيد حاجي بگن خان سومرو جي ورسي جي تقريب منعقد ڪئي مهمان خاص تعلقا چيئرمين /ڏسو صفحو 2 بقايا 25

دليپوٽا ۾ سنڌو درياءَ تي ڪئنال ڪڍڻ خلاف احتجاج

اسان جو جهيڙو سنڌ جا حق کائيندڙ پنجاب سان آهي : نثار علي

اسان سنڌي قوم ڪئنالن خلاف هر مزاحمت ڪنداسين: نظير علي

مٺياڻي (ن پاڪ) مٺياڻي ويجهو دليپوٽا ۾ سنڌو درياءَ تي ڪئنال ڪڍڻ خلاف احتجاج ،احتجاج جي اڳواڻي نثار علي پنهور، نظير علي پنهور، /ڏسو صفحو 2 بقايا 24

دادو ۾ ميوزڪ ٽيچرن جو جوائننگ نه ملڻ تي احتجاج

ٻه سال گذري ويا اڃا تائين جوائننگ نه ملي سگهي آهي: وحيد ساند

ٽيسٽ پاس ڪرڻ باوجود اسان کي پنهنجو حق ناهي مليو: نديم سخيراڻي

داد (ڊ ر) ٻن سالن کان جوائننگ نه ملڻ خلاف ميوزڪ ٽيچرس هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي دادو پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو مظاهرين نديم /ڏسو صفحو 2 بقايا 23

نيوسعيد آباد پوليس جي ڳوٺ تي چڙهائي، عورتن ۽ ٻارن تي تشدد، هڪ ڄڻو گرفتار، احتجاج

ڊي ايس پي جي اڳواڻيءَ ۾ 10 موبائيل ۾ سوار پوليس اٽالن ڳوٺ بچل ڪاڪا تي چڙهائي ڪئي

اهلڪار ڳوٺ ۾ ڌاڙيلن وانگر ڪاهي پيا، چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائمال، موذن عامر ڪاڪا گرفتار

پوليس بنا ڪارڻ چڙهائي ڪئي (ڳوٺاڻا) ڌوهارين جي گرفتاري لاءِ چڙهائي ڪئي: ڊي ايس پي منظور

نيوسعيدآباد (محبوب علي ڪاڪا) ڊي ايس پي نيوسعيدآباد جي اڳواڻيءَ ۾ ايس ايڇ او شاهه الزمان چانڊيو ڏهن موبائيلن ۾ سوار پوليس جي وڏن اٽالن سان ڳوٺ بچل ڪاڪا تي چڙهائي ڪري فائرنگ ڪندا گهرن ۽ مسجد ۾ /ڏسو صفحو 2 بقايا 29

نيوسعيدآباد: پوليس جا ڳوٺ تي چڙهائي جا منظر، ٻي تصوير ۾ متاثر احتجاج ڪندي ۽ گرفتار ٿيل نوجوان جي تصوير

پٽ شاهه جي سي آئي اي پوليس خلاف شهرين ۽ دڪاندارن جو احتجاجي مظاهرو

دنبورا چوڪ تي سي آئي اي پوليس ۽ بااثر شوروم مالڪ خلاف نعريبازي ڪئي وئي

سي آئي اي پوليس شوروم مالڪ جي چوڻ تي دڪاندارن ۽ شهرين خلاف رڻ ٻاري ڏنو آهي: مظاهرين

هڪ هفتو گذرڻ باوجود انصاف ناهي مليو، تدارڪ نه ٿيو ته شٽر بند هڙتال جو سڏ ڏنو ويندو: لالاخير محمد

پٽ شاهه (ن پاڪ) پٽ شاهه ۾ پوليس ۽ بااثرن جي زيادتي، بي رحمانه تشدد ۽ تذليل خلاف دڪاندار ۽ شهري روڊن تي نڪري آيا، انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو ٻي صورت ۾ شهر ۾ شٽر بند هڙتال ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو شهر جي/ڏسو صفحو 2 بقايا 30

دادو ۾ ڳوٺ عيسيٰ ٻبر واسين پاران زمين تي قبضو ۽ گهٽي بند ڪرڻ خلاف علامتي بک هڙتال

دادو(ڊ ر): دادو جي ڳوٺ عيسيٰ ٻبر جي رهواسين ممتاز /ڏسو صفحو 2 بقايا 31

گهگهر پرسان هڪ شخص جو گوليون لڳل لاش هٿ

ريلوي ڪالوني وٽ شهرين لاش ڏسي پوليس کي اطلاع ڪيو

مڙهه جناح اسپتال منتقل، سڃاڻپ ناهي ٿي سگهي: پوليس

ملير (ڊ ر) گهگهر ريلوي ڪالوني ويجهو هڪ شخص جو گوليون لڳل لاش هٿ، سڃاڻپ نه ٿي سگهي، خبر موجب: بن قاسم ٿاڻي جي حد گهگهر ريلوي /ڏسو صفحو 2 بقايا 32

ٺٽو: انجيڪيشن لڳڻ سبب فوت ٿيل ٻارڙي، ٻي تصوير ۾ والد جي هنج ۾ آهي

جنگشاهي واسڻ ٻارڙي زندگي جي جنگ هارائي وئي

غلط سئي لڳڻ سبب ٻارڙي کي جناح اسپتال داخل ڪرايو ويو هو

ٻارڙي جو مڙهه گهر آڻڻ تي ڪهرام مچي ويو، وارثن پاران انصاف جي گهر

ٺٽو(ڊ ر) ڪجهه ڏينهن اڳ جنگشاهي لڳ ڳوٺ سبزعلي بروهي جي پورهيت احسان بروهي جي معصوم نياڻي حريفه فاطمه کي رورل هيلٿ سينٽر /ڏسو صفحو 2 بقايا 33

سيوهڻ جي ڪچي ۾ سرڪار زمين تان اوٺن ۽ ٻرڙين ۾ جهيڙو، نوجوان قتل

جهيڙي دوران گوليون لڳڻ سبب نوجوان محمد حسن عرف حسنو ٻرڙي ٿڏي تي مارجي ويو

علائقو جنگ جو ميدان بڻيل رهيو، لاش وارثن حوالي ڪيو ويو گهر ۾ ڪهرام

سيوهڻ پوليس جو بروقت نه پهچڻ سبب اسانجو ڀيرو نوجوان مارجي ويو :ٻرڙي برادري جو الزام

سيوهڻ: اوٺن ۽ ٻرڙين ۾ جهيڙي بعد پوليس واقعي واري هنڌ ڏانهن ويندي، ننڍي تصوير ۾ مارجي ويل نوجوان جو مڙهه پيل آهي

سيوهڻ(عبدالستار ملاح) سيوهڻ لڳ پوليس اسٽيشن ماهي اوٺو جي حد ۾ هيلي ڪاٺي جي سرڪاري زمين جي مالڪي تان ڪچي واري /ڏسو صفحو 3 بقايا 1

درياهه ۾ پاڻي ڪوٽ سبب واري اڏامي رهي آهي: امام بخش قلپوٽو

ڪئنالن منصوبو ختم نه ڪيو ويو ته تحريڪ تيز ڪئي ويندي

سنڌ جو عوام 6 ڪئنالن کي رد ڪري چڪو آهي: ف ليگ اڳواڻ

خيرپور (ڊر) فنڪشنل مسلم ليگ جي اڳواڻ حاجي امام بخش قلپوٽو قلپوٽا هائوس تي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌو درياءَ ۾ اسان جو ساهه/ڏسو صفحو 3 بقايا 2

درياخان مري ۾ زمينن تي والار ۽ ڪئنالن خلاف سياسي سماجي تنظيمن جو مارچ

احتجاجي مارچ ۾ شريڪ ماڻهن پاران "نوان ڪئنال سمورا نامنظور سنڌو تي ڌاڙو نامنظور" جا زوردار نعرا

وفاقي حڪومت سازشي پاليسين ذريعي سنڌ جي ماڻهن کي ڪنگال ڪرڻ جي رٿابندي ڪري رهي آهي: غلام مرتضيٰ پلهه

سنڌو درياهه سنڌ جي عوام لاءِ زندگيءَ جي علامت آهي ان تي ڪڏهن به سوديبازي نه ڪئي ويندي: امتياز راڄپر

شڪارپور: منچر شاهه جي قبرستان تي قبضي خلاف ڳوٺاڻا هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاج ڪري رهيا آهن

دريا خان مري (ن پاڪ) سنڌو درياهه مان نڪرندڙ 6 نون ڪئنالن ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي لکين ايڪڙ زمين وفاق حوالي ڪرڻ/ڏسو صفحو 2 بقايا 7

شڪارپور لڳ درگاهه منچر شاهه قبرستان تي قبضن خلاف احتجاج

بااثرن درگاهه جي قبرستان تي قبضو ڪري پنهنجا گهر ناهي ڇڏيا آهن: وقار حسين

سخت قدم کڻي قبضا ڇڏرائي ڏنا وڃن نه ته سخت احتجاج ڪنداسين: چتاءُ

شڪارپور(مير امتياز علي مري) شڪارپور جي تاريخي درگاهه منچر شاهه قبرستان تي قبضن خلاف احتجاج - قبضا مافيا خلاف سخت قدم /ڏسو صفحو 2 بقايا 22

بدين ۾ تڪراري ڪئنالن خلاف عورتن جي سماجي تنظيم جي ريلي

شاهنواز چوڪ کان ماروي عابده سمون جي اڳواڻي ۾ ريلي نڪتي، ڪئنالن خلاف نعريبازي ڪئي وئي

سنڌو دريا مان ڪئنال ڪڍڻ سنڌ جي عوام خلاف معاشي دهشت گردي آهي: ماروي عابده سمون

حڪمرانن جي سامراجي ذهنيت ۽ غير سنجيدگي افسوسناڪ آهي جنهن جي جيتري مذمت ڪجي اها ٿوري آهي: پارس شاهه

بدين (ٻر) سنڌو دريا مان ڪئنال ڪڍڻ جي خلاف عورتن جي تنظيم سورمي ست فارما ويلفيئر سوسائٽي جي احتجاجي ريلي ۽ ڌرڻو تفصيل موجب سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف جي عورتن جي تنظيم سورمي ست فارما ويلفيئر سوسائٽي طرفان شاهنواز چوڪ کان ماروي/ڏسو صفحو 2 بقايا 8

مورو: مولاءِ ڪائنات جي شهادت جي حوالي سان ماتمي قافلو تابوت سان برآمد ڪيو پيو وڃي

نصير آباد ۾ يوم شهادت مولا علي عليه السلام حوالي سان ماتمي جلوس برپا

جلوس سخاوت شاهه جي اڳواڻي ۾ مختلف رستن کان ٿيندو فاضل راهو مين چوڪ پهتو

اسان سيني کي مولا علي عليه السلام جي ڏسيل واٽ تي هلڻو پوندو: اڳواڻن جو خطاب

نصيرآباد(رپورٽر اعظم ٽگڙ) 21 رمضان يوم شهادت محسن انسانيت مولا علي عليه السلام جو ماتمي جلوس مرڪزي انجمن سپاهه اهلبيت/ڏسو صفحو 2 بقايا 9

پٽ شاهه مان نڪتل انجمن شيعا حيدر قرار خندق ڪميٽي جو جلوس سيوهڻ پهتو

پير آف پٽ شاهه سيد فرحاد عباس جي اڳواڻي ۾ قلندر لعل شهباز جي مزار تي حاضري

سوين مومنن پاران سينا زني ڪري امير ڪائنات کي شاندار پيتا پڻ پيش ڪئي

پٽ شاهه(ن پاڪ) پٽ شاهه ۾ انجمن شيعان حيدر قرار خندق ڪميٽي طرفان امير ڪائنات حضرت علي عليه السلام جي شهادت جي سلسلي ۾ /ڏسو صفحو 2 بقايا 10

عوامي جمهوري پارٽي پاران غير قانوني تڪراري ڪئنالن خلاف عيد نماز بعد احتجاج جي اپيل

سنڌي ماڻهو عيد اجتماعن کان پوءِ غير قانوني ڪئنالن جي اڏاوت خلاف احتجاج رڪارڊ ڪرائن: جاويد چنا

سنڌو بچايو تحريڪ گهر گهر پهچي وئي آهي، سنڌو درياهه تي ڪئنال ڪنهن به صورت اڏڻ نه ڏينداسين

جيستائين ڪئنالن جي رد ٿيڻ جو نوٽيفڪيشن نٿو نڪري تيستائين اها جدوجهد جاري رهندي: اڳواڻ

ڪراچي اوير (ن پاڪ) عوامي جمهوري پارٽي سنڌو تي ٺهن غير قانوني ڪئنالن جي اڏاوت کي رد ڪندي سنڌ جي ماڻهن کي عيد اجتماعن کان/ڏسو صفحو 2 بقايا 11

روزه احتجاجي

خيرپور ناٿن شاهه: سنڌو ندي مان 6 ڪئنال ڪڍڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

خيرپور ۾ پورهيتن جي ريلي، سڃاڻ ڌريون به شريڪ

پاڻي جياپو آهي، درياهه مٿان ڪئنال قبول نه ڪيا ويندا: بلاول پرڳڙي

سنڌ دشمن رٿا ڪئنالن جو منصوبو واپس وٺي بيچيني ختم ڪئي وڃي: مطالبو

خيرپورناٿن شاهه (قربان علي ٻگهيو) پورهيت مزاحمت تحريڪ پاران ٻيو ڏينهون احتجاجي ڪيمپ ڪانپوءِ 12 بجي ٽائون ڪاميٽي کان مين پريس/ڏسو صفحو 2 بقايا 12

ڪي اين شاهه ۾ تڪراري ڪئنالن خلاف احتجاجي مظاهرو ۽ نعريبازي

شهرين وڪيل مير ڪوسو، آزاد حسين لغاري، سومر چانڊيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج رڪارڊ ڪرايو

فارم 47 جي چونڊيل حڪومت کي حق ناهي ته قومي مسئلن سان هٿ چراند ڪري: مير ڪوسو

جلد کان جلد سنڌو درياءَ مان غير قانوني ڪيندڙ ڪئنالن وارو اعلان واپس ورتو وڃي: آزاد حسين لغاري

خيرپور ناٿن شاهه (قربان ٻگهيو) سنڌو درياءَ مٿان زبردستي 6 نوان ڪئنال ڪڍي پنجاب جي چولستان جي ريگستان کي آباد ڪيو ويندو ايئن ڪرڻ سان سنڌو درياءَ سڪي ويندو ۽ سنڌ سموري بنجر ٿي ويندي. جنهن کي اسين هرگز قبول ن ڪنداسين. پاڻي اسان جو جياپو آهي. اسان جو جيئڻ ۽ مرڻ سنڌ سان آهه اهڙن /ڏسو صفحو 2 بقايا 13

مورو ۾ انجمن حسيني پاران مولاءِ ڪائنات جي شهادت جي حوالي سان ماتمي قافلو تابوت سان برآمد

مورو(ن پاڪ) مورو ۾ انجمن حسيني جي زير نگراني ۾ /ڏسو صفحو 2 بقايا 14

مورو: روڊ حادثي ۾ فوت ٿيل پيرسن جو مڙهه اسپتال ۾ پيل آهي

ٻه روزه احتجاجي
سنڌو درياءَ مٿان تڪراري 6 ڪئنال نامنظور
پورهيت مزاحمت تحريڪ

خيرپور ناٿن شاهه: پورهيت مزاحمت تحريڪ پاران ڪئنالن خلاف قائم ڪيل احتجاجي ڪئمپ

دادو ۾ پورهيت جو ميونسپل ڪاميٽي جي عملدارن خلاف احتجاج

موري ٽٽل هجڻ سبب گندو پاڻي گهر اندر داخل ٿي رهيو آهي: افتخار علي

لکت ۾ شڪايتون ڪيون آهن پر ڪوبه ڪامورو ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي: دانهن

دادو (ڊ ر) دادو جي گلشن زيد ڪالوني جو رهواسي پورهيت افتخار علي رانجهاڻي ميونسپل ڪاميٽي دادو جي ڪامورن جي مجرماڻي /ڏسو صفحو 2 بقايا 21

لاڙڪاڻي ۾ يوم پاڪستان تي مختلف تنظيمن پاران الڳ الڳ ريليون

پاڪستان زنده آباد مومينٽ ميروخان چوڪ وٽان شاندار ريلي پڻ ڪڍي

سماجي تنظيم پاڪ ڊفينڊر سول آرگنائيزيشن جي سڏ تي ريلي نڪتي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ يوم پاڪستان جي موقعي تي مختلف تنظيمن طرفان الڳ الڳ ريليون ڪڍي نعريبازي ڪئي وئي. /ڏسو صفحو 2 بقايا 20

عورت جو مڙس انصاف لاءِ هيومن رائيٽس پروٽيڪشن اينڊ سوشل جسٽس آفيس پهچي ويو

پٽ شاهه صحت مرڪز ۾ ڊاڪٽرن جي مبينا غفلت،عورت جو آنڊو ڪٽي ڇڏيو

گهرواري حيدرآباد ۾ علاج هيٺ آهي، 7 لک خرچ اچي چڪو آهي: راشد جويو

پٽ شاهه(ن پاڪ) پٽ شاهه جي صحت مرڪز ۾ ڊاڪٽرن جي مبينا غفلت سبب عورت جي طبيعت خراب ٿي پئي جنهن کي ڊاڪٽرن پاران پنهنجي /ڏسو صفحو 2 بقايا 19

ٺٽو: عوامي تحريڪ پاران تڪراري ڪئنالن خلاف ريلي ڪڍي پئي وڃي

گهارو ۽ ڀرپاسي ۾ منشيات سرعام هلڻ لڳي

منشيات جي اڏي کي هڪ بااثر ماڻهو جي سرپرستي حاصل آهي: شهري

اڏي کي بند ڪرائي نوجوان نسل کي منشيات جي لعنت کان بچايو وڃي: مطالبو

گهارو (ن پاڪ) ڪي ڊي اي روڊ تي ڪچي شراب جو اڏو هلندڙ ڪچي شراب جي اڏي جي سرپرستي ڪندڙ کي مختلف ادارن توڙي پوليس جو/ڏسو صفحو 2 بقايا 18

ڊي سي ڪراچي اوير سرڪاري زمين تي قبضي جو نوٽيس ورتو

اي ايس آءِ اينٽي انڪروچمينٽ جي فرياد تي سچل ٿاڻي تي ڪيس داخل

ايف آءِ آر ۾ دلبر شر، غلام شر، شاهجهان مارفاڻي سميت 11 ڄڻن کي نامزد ڪيو ويو

ڪراچي اوير(ن پاڪ) ڪراچي شاهنواز شر ڳوٺ جي بلاڪ پرسان سرڪاري زمين تي قبضي جي ڪوشش قبضا مافيا جي ماڻهن طرفان تعميراتي/ڏسو صفحو 2 بقايا 17

بدين ۾ انتظاميه جي يوم پاڪستان تي ريلي

ريلي جي اڳواڻي ڊي سي ڪئي، مختلف کاتي جي ملازمن جي شرڪت

23 مارچ پاڪستان جي تاريخ جو هڪ اهم ڏينهن آهي: ڪاشف رضا

بدين(ٻر) يوم پاڪستان جي موقعي تي بدين ۾ ضلعي انتظاميا طرفان ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ڪاشف رضا منگي جي قيادت ۾ ڊي سي/ڏسو صفحو 2 بقايا 16

خيرپور ناٿن شاهه ۾ 23 مارچ جي حوالي سان ريلي

ريلي ۾ شريڪ ماڻهن پاڪستان زنده آباد فوج زنده باد جا نعرا هنيا

23 مارچ جو ڏينهن پاڪستان جي تاريخ ۾ هڪ اهم باب لکيو ويو: پير تاج جيلاني

خيرپور ناٿن شاهه (قربان علي ٻگهيو) دفاع پاڪستان/ڏسو صفحو 2 بقايا 15

ميهڙ لڳ ايس يو پي جو پوليس خلاف انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو

ايس يو پي ڪارڪن نوجوان آصف چانڊيو کي پوليس پاران ڪنيي گم ڪرڻ خلاف ڌرڻو هنيو

پوليس پاران آصف چانڊئي کي گرفتار ڪئي 4 ڏهاڙا ٿي ويا آهن پر گرفتاري ظاهر نه پئي ڪئي وڃي: سڪندر سوڊر

ميهڙ پوليس نوجوان جي گرفتار ظاهر نه ڪئي ته ٻيهر انڊس هاءِ وي کي بند ڪيو ويندو: حاجي خان مارفاڻي

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ پوليس پاران ڳوٺ ڪڙيو سبز خان/ڏسو صفحو 3 بقايا 3

لاڙڪاڻو: قومپرست پارٽين جا ڪارڪن قومي ڌارا ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪري رهيا آهن

قومپرست تنظيمن جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن قومي ڌارا ۾ شامل

جسمم، جسقم، جسم جساف اڳواڻن ۽ ڪارڪنن قومي سياست کي الوداع ڪيو

قومپرستن کي استعمال ڪيو پيو وڃي، پاڪ فوج سان گڏ آهيون: محمد حسن ۽ ٻيا

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ مختلف قوم پرست تنظيمن جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن طرفان قوم پرست سياست کي الوداع ڪندي هٿن ۾ قومي/ڏسو صفحو 3 بقايا 5

گهوڙاٻاري ۾ شهادت مولاءِ ڪائنات تي امام بارگاهه سخي ڏاتار کان جلوس برآمد

گهوڙاٻاري (رپورٽ شاهه خالد شاهه ڏاتاري) هر سال جيان هن سال به 21 رمضان المبارڪ شهادت سيدنا/ڏسو صفحو 3 بقايا 4

دادو ۾ استاد بخاري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ۾ 23مارچ حوالي سان ريلي

استادن شاگردن ۽ سول سوسائٽيءَ جي نمائندن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

ملڪ جي ترقي جي لاءِ سيني کي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو: اڳواڻن جو خطاب

دادو (ڊ ر) استاد بخاري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو ۾ 23 مارچ قرارداد پاڪستان جي سلسلي ۾ ريليءَ جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 6

دڙي جي صحافين پاران سجاول پبلڪ لائبريري جي گيٽ آڏو قبضو ٿيڻ خلاف احتجاج

اعجاز اختر ميمڻ، امداد ميمڻ، اسلم سومرو، وفا چندن لاشاري جي اڳواڻي ۾ نعريبازي ٿي

لائبريري جي گيٽ آڏو ٿيل قبضن ۽ انچارج کي ملندڙ ڌمڪين جي مذمت ڪيون ٿا: اعجاز

سجاول جي ارباب اختيارين کي اپيل آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي قبضو ختم ڪرايو وڃي: مطالبو

دڙو (ن پاڪ) دڙو جي صحافين ۽ اهل علم ڏٿين اعجاز/ڏسو صفحو 3 بقايا 7

ڀريارو ويجهو سنڌ آررو واٽر پلانٽ آپريشن ايسوسيئشن جي چونڊ

قاري خير محمد راڄپر کي بنا مقابلي صوبائي سنڌ جو صدر چونڊجي ويو

سنڌ جي مختلف ضلعن مان صوبائي باڊي جي عهديدارن جي چونڊ پڻ ڪئي وئي

پريا ستي(ن پاڪ) ڀريارو پرسان ڳوٺ محرم خان راڄپر ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 10

ٽائون چيئرمين دڙي پاران امام بارگاهه علي نقي عليه اسلام ۾ الڳ الڳ سولر سسٽم جو افتتاح

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ دڙي ٽائون جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 8

ميهڙ انتظاميا پاران يوم پاڪستان حوالي سان ريلي

ريلي جي اڳواڻي اي سي، ڊي ايس پي سميت ٻين عملدارن ڪئي

قائداعظم جي عظيم جدوجهد سبب اسان کي آزاد ملڪ مليو: اي سي

ميهڙ(رپورٽ عظيم جانوري) 23 مارچ يوم پاڪستان /ڏسو صفحو 3 بقايا 11

لاڙڪاڻي ۾ پيپلز پارٽي ضلعي ۽ سٽي ڊسٽرڪٽ يوم پاڪستان حوالي سان تقريب ڪوٺائي وئي

لاڙڪاڻو(بيورو/ڏسو صفحو 3 بقايا 9

گهوٽڪي ۾ شر برادري جي گهرن تي پوليس چڙهائين خلاف ملير ۾ احتجاجي ريلي

سول سوسائٽي، شر برادري سميت مختلف برادرين پاران ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي

شهريار شر کي سياسي منظرعام تان هٽائڻ لاءِ هٽ ٺوڪيا پلان ٺاهيا پيا وڃن: ارشاد علي شر

پوليس غيرجانبداري جو رول ادا نه پئي ڪري جنهن جو نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي وڃي: خطاب

ملير(ڊ ر) ملير جي علائقي شاهه لطيف ڪان سول سوسائٽي، شر برادري سميت مختلف برادرين پاران/ڏسو صفحو 3 بقايا 12

ملير: شر برادري ۽ سول سوسائٽي پاران گهوٽڪي پوليس جي ناانصافين خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

هيءَ اخبار ايڊيٽر ۽ پبلشر غلام نبي چانڊيو پاران سمر پرنٽنگ پريس، گرائونڊ فلور بي_آر_آر ٽاور حسن علي روڊ آف آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان شايع ڪري پڌري ڪئي